


# واڪا ڪرڻ مون وسِ

(سماجي مسئلا)

**محمد طارق مهيسر**

پاران: علم دوست ادبي سنگت سنڌ

2020ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران نوجوان ليکڪ ۽ وڪيل **محمد طارق مهيسر** جو سماجي موضوعن تي لکيل ڪتاب **"واڪا ڪرڻ مون وس"** اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

نوجوان ليکڪ ۽ وڪيل محمد طارق مهيسر خيرپور جي سرگرم دوستن مان هڪ آهي جن سماجي، ادبي ۽ تعليمي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي. سندس هي مجموعو سنڌ جي سماجي موضوعن، مسئلن ۽ انهن جي حل تي لکيل هائيڊ پارڪ لکڻين ۽ ٽن ڪتابن تي لکيل تبصرن تي مشتمل آهي. ڪتاب جو مهاڳ حزب الله آءِ سومري لکيو آهي جڏهن ته ظهير احمد لاڙڪ، فياض عباسي، خادم ڪلهوڙو، منظور لاڙڪ ۽ امر اقبال ڪتاب ۽ ليکڪ بابت تاثرات لکيا آهن.

هن ڪتاب 2020ع ۾ علم دوست ادبي سنگت پاران پاران ڇپايو ويو، جنهن جي پي ڊي ايف ڪاپي محمد طارق مهيسر جي ٿورن سان شيئر ڪجي ٿي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# واڪا ڪرڻ مُون وَس

(سماجي مسئلا)

ليکڪ: محمد طارق مهيسر
ڇاپو پهريون: مارچ 2020ع
ٽائيٽل ڊزائين: آصف رضا نظاماڻي
ڪمپوزنگ: زبير سومرو
ڇپائيندڙ: علم دوست ادبي سنگت سنڌ
ملهه: 100 رپيا

**Waka Kara'n Moo Was**
(Social Issue's)
By: **Muhammad Tariq Mahesar**
First Edition: March 2020
Title Design: Asif Raza Nizamani
Composing: Zubair Soomro
Published by: Ilim Dost Adbi Sangat Sindh
Price: 100/=

# - ارپنا -

هي قلمي پورهيو پنهنجي بابا سائين
۽ امڙ سائڻ جي نانءِ ڪريان ٿو.
جن نہ صرف مون کي سهڻي سنڌ ڌرتي تي
جنم ڏنو بلڪ پالي نپائي وڏو ڪيو ۽
مون کي ان لائق بڻايو تہ
سماج جي اوڻائين کي قلم وسيلي
ڪيئن شڪست ڏجي.



# سٺاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | مهاڳ | حزب الله آءِ سومرو | 07 |
| 2. | تاثر | فياض عباسي | 12 |
| 3. | تاثر | امر اقبال | 15 |
| 4. | تاثر | منظور حسين لاڙڪ | 16 |
| 5. | تاثر | ظهير احمد لاڙڪ | 19 |
| 6. | پنهنجي پاران | محمد طارق مهيسر | 21 |


# باب پهريون


| | | |
|---|---|---|
| 1. | ڪاپي ڪلچر جي خاتمي لاءِ ڪجهہ صلاحون | 25 |
| 2. | سنڌ ۾ ڊي اين اي ٽيسٽ جي ليبارٽري قائم ڪئي وڃي | 26 |
| 3. | آبادگارن کي ڪمند جيان نہ پيڙيو! | 27 |
| 4. | سنڌ جي تعليم تي ٽيندڙ تجربا | 28 |
| 5. | گلن جي ورڪا موجوده حڪمرانن تي بہ ٿي سگهي ٿي پر! | 29 |
| 6. | سي اين جي اسٽيشنن جي غلط جڳهہ تي قيام جا نقصان | 31 |
| 7. | معصوم حياتيون ڳڙڪائيندڙ ڪليل گٽرن جا اجگروات بند ڪريو! | 32 |
| 8. | خيرپور ۾ مڇر مار ڦوهارو تہ ڪرايو! | 33 |
| 9. | سنڌ ۾ رڳو حادثن مٿان حادثا ڇو ٿا ٿين؟ | 34 |
| 10. | فوٽ پاٿن تي بہ قبضا! | 36 |
| 11. | سواليہ پيپر تہ واپس ڏيو! | 37 |
| 12. | استادن کي پگهارون ڇونہ ٿا ڏيو؟ | 38 |
| 13. | آبادگارن کي نہ اُجاڙيو! | 39 |
| 14. | ڪاپي ڪلچر جي ڪوڙهہ مان ورتل تعليمي نظام! | 41 |
| 15. | تعليم صرف نوڪريءَ لاءِ حاصل ناهي ڪبي. | 42 |

16. ٽئڪس مٿان ٽئڪس 43
17. اعلان صرف فوٽو سيشن تائين محدود ڇو آهن؟ 45
18. انساني سرن مٿان لٽڪندڙ خطرناڪ سائن بورڊ 46
19. بجليءَ جي لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جون اجايون دعوائون 47
20. روڊن مٿان ڪوتائي ۽ ڪوتائي مٿان روڊ 49
21. مال جا واڙا رهائشي ڪالونين کان الڳ ڇونه ٿاهجن؟ 51
22. چونڊيل نمائندا ڪيڏانهن ويا؟ 52
23. اصل ڳالهه ڪارڪردگيءَ جي آهي! 53
24. چهرا نه بدلايو، ڪارڪردگي سنواريو 54
25. برساتن بعد حڪومت جي واٽڪي تيل پٽِ! 55
26. ٻارڙن جي صفحي جي ضرورت 56
27. بيروزگارن جي ڦٽن تي لوڻ نه ٻرڪيو 57
28. يونيورسٽين جي داخلا پاليسي تبديل ڪرڻ جي ضرورت 58
29. سڪل وڻ ڪٽرائي، اُتي نوان وڻ لڳايو 59
30. پنهنجي حصي جي ذميواري محسوس ڪرڻ گهرجي 60
31. نساسڪ جي ناڪارا ڪارڪردگي 61
32. بلدياتي چونڊن ۾ نواڻ ڪهڙي آهي؟ 62
33. سنڌ جي سرڪاري اسپتالن جي واٽڪي تيل پٽ! 63
34. پيدائش کان اڳ ئي طئي ٿيندڙ نياڻين جا نصيب! 65
35. ڪرپشن رڳو سيمينار ڪرائڻ سان ختم نه ٿيندي 66
36. چوپائي مال جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل ڪريو 68
37. صحت ڪاتو ته غريبن لاءِ ملندڙ مڇردانيون به ڳڙڪائي ويو 69
38. خيرپور ۾ سنگل روڊ تان ٽول ٽيڪس جي اوڳاڙي ختم ڪرايو 70
39. گورک هل اسٽيشن کي ترقي وٺرايو 72
40. استادن جي مقرريءَ ۾ به خانه پوري! 73
41. ون ويلنگ ڪندڙ ”ڪرتب باز“ ڪڏهن سڌرندا؟! 74
42. برسات کان اڳ ڊرينيج جو نظام ٺيڪ ڪرڻ جي ضرورت 75
43. ٽئلينٽ ڪيئن نروار ٿي سگهندو؟ 76
44. ڏيو منهن هاڻي وري رضاڪار استاد ڀرتي ٿيندا؟! 78
45. اين جي او جي حوالي ٿيل اسڪولن جي حالت زار! 79
46. سياسي موسم جي حساب سان پارٽيون بدلائيندڙن ڏانهن 80
47. وقت ڏنو ووٽ به ايترا ملندس! 81
48. شاديءَ کان نفرت ڪندڙن کي ڪرپشن کان ڪيئن روڪجي؟ 82
49. وڏي وزير ڪاپي روڪرائڻ لاءِ ڪنيل قدمن ۾ ڏاڍي دير ڪئي! 83
50. ڊي آءِ جي آفيس سکر ۾ ٺپو به ناهي! 84
51. هڪ ويو ٻيو آيو 85
52. درگاهه سچل سرمست ۾ سهولتن جي کوٽ 87
53. بصر ڪائڻ جو حق ته نه کسيو! 88
54. ڪارساز سانحي جو ڏک ۽ پ پ جو بدلجندڙ تعارف 89
55. سرڪاري اگهه تي پيٽرول ڇونه ٿو ملي؟ 90
56. ڀٽائي جي درگاهه تي اوڳاڙجندڙ ڀتو 92
57. پوليو ڦڙا پيئارڻ جو ڪم بيروزگارن کي ڏيو 93
58. استادن تي تشدد بدران ڪين حق ڏيو 95
59. عوام کي جاهل سڏڻ بدران پاڻ سڌاريو 97


## باب ٻيو


1. اڪ اُلٽي ڏار 101
2. الله ڏاهي مَر ٿيان تي تبصرو 105
3. سائين منظور صاحب جي پهرين وِک ”ڏاهي مَر ٿيان“ ۾ سماجي اوڻاين جا چٽا عڪس (تبصرو) 108
4. ليکڪ جو تعارف 112

# قوم جي مسئلن کي پنهنجا مسئلا سمجهندڙ

محمد طارق مهيسر

ڪاوش هائيڊ پارڪ اهو سلسلو رهيو آهي جنهن ۾ پڙهندڙ توڙي لکندڙ تاريخ، ادب، سياست، سماج ۽ سماجي مسئلن تي پنهنجي راءِ ڪالم يا تحقيق جي صورت ۾ ڏيندا رهيا آهن. جيئن ته ٻين وڏن ڪالمن وانگر هي لکڻيون ايڊيٽرن سان متفق هجڻ ضروري نه هجڻ ڪري ان جي مداخلت کان آجيون هونديون آهن ان ڪري هنن لکڻين ۾ تخليقي عنصر ڪجهه وڌيڪ هوندو آهي چوته هي زوري نه لکرايون وينديون آهن ۽ نه زوري لکڻو پوندو آهي پر ان لاءِ ڪونه ڪو محرڪ يا اُڌمو موجود هوندو آهي. هائيڊ پارڪ لکڻي مختصر هوندي آهي. طوالت جي بوريت، تصنع ۽ لفاظي کان آجي هوندي آهي ان ڪري عام ماڻهن ۾ بيحد پسند ڪئي ويندي آهي. هائيڊ پارڪ اهو مقبول سلسلو آهي جنهن ۾ گهڻا موضوع بحث هيٺ هوندا آهن ان ڪري دلچسپيءَ جو باعث بڻيل هوندو آهي. جيئن ته هن سلسلي جي تاريخ رهي آهي ته ليکڪ جا پنهنجا خيال ڏنا وڃن تا جيڪو عنصر هاڻي انچارج صاحب ختم ڪري پسند نا پسند ۽ اجائي سجائي ڪٽ سٽ جي اصول تي هلي



پيو آهي پر ماضيءَ ۾ هن سلسلي ۾ ڪاوش جي مستقل ڪالم نگارن ۽ نمائندن تي تنقيد ڪري سگهبي هئي ۽ پڻ محمد ابراهيم جويو جهڙن ڪاوش انتظاميه جي پسنديده شخصيتن جي فن ۽ فڪر تي به تنقيد ڪري سگهبي هئي جنهن سان تنقيدي ۽ تحقيقي رجحان کي هٿي ملندي هئي ۽ اسان جهڙا ڪيترائي نقاد پيدا ٿيا جن کي هائيڊ پارڪ جو پليٽ فارم نه ملي ها ته شايد نقاد نه بڻجي سگهن ها. ڪاوش هائيڊ پارڪ اهو سلسلو آهي جنهن سوين ليکڪ، محقق ۽ نقاد پيدا ڪيا آهن. هن سلسلي ۾ ننڍي کان وٺي وڏي ليکڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تائين جهڙي شخصيت به لکيو آهي.

اين جي اوز جي فنڊنگ بعد سماج جي خدمت ڏيکاءُ تي وئي آهي نه ته اسان وٽ مسافر خانه، کوهه، اوطاقون، ونگار، ختما، خير خيراتون، صدقا ۽ زڪواتون، مدرسا ۽ درگاهن تي ننگر، ڪانڌپا، جماڻا چانڊاڻا سڀ عوامي خدمتن جا اهڃاڻ رهيا آهن. اوهان کي اڄ به رستن تان ڪنڊا، پٿر ۽ سروٽا پري ڪندي ڪونه ڪو ماڻهو ملندو. اسان وٽ سنڌ ۾ مسڪين جهان خان کوسو ۽ مولانا عبدالستار ايڌيءَ کان وٺي حسن علي آفندي جهڙا امر سماجي خدمتگار ملندا. اسان وٽ خدا خاطر حق سچ چوڻ وارا ڪوڙ وتايا فقير ۽ گامون سچار ملندا جو اسان جي مذهب ۾ هڪ حديث مطابق رستي تان تڪليف ڏيندڙ شين کي هٽائڻ به ثواب چيو ويو آهي ۽ حديث نبوي آهي ته:

خيرالناس من ينفع الناس

ترجمو: ماڻھن ۾ ڀلو اھو آھي جيڪو ماڻھن کي نفعو پھچائي.

حديث ۾ اھو به ٻڌايو ويو آھي ته جيڪو برائي ڏسي اھو ان کي وس آھر روڪي. ان حوالي کان اسان جا ڪيترا ليکڪ شاعر سماج کي سڌارڻ جو ڪم ڪنيو بيٺا آھن جن ۾ محمد طارق مهيسر به وس آھر پاڻ پتوڙي رهيو آھي. ھو جڏھن به ۽ جتي به ڪو عوامي مسئلو، ظلم، برائي يا ڪرپشن ڏسي ٿو ته تڙپي اُٿي ٿو ۽ قلم کي جنبش ۾ آڻي قلمي جهاد ڪري ٿو ۽ انهن خرابين کي حل ڪرائڻ لاءِ انهن کي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان لاءِ ھو ڪاوش ھائيڊ پارڪ جو سهارو وٺي ٿو. پنهنجي لکڻين سان هن برائي ۽ ظلم خلاف نفرت پيدا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آھي. قرآن پاڪ ۾ آھي ته:

ليس للانسان الا ما سعيٰ

ترجمو: انسان لاءِ ڪوشش کان سواءِ ڪجھ نه آھي.

ان پس منظر ۾ سندس لکڻين سان ڪيترا مسئلا حل به ٿيا آھن ۽ جيڪي حل نه ٿيا آھن ته به هن پنهنجو فرض پورو ڪيو آھي. ھونءَ به حديث مطابق نيڪ ڪم ڪندڙ اگر ڪامياب وڃي ٿو ته ڪيس ٻه ثواب ملن ٿا ھڪ ڪوشش جو، ٻيو ڪاميابيءَ جو پر اگر ظاھري طرح ناڪام ٿئي ٿو ته به ڪوشش جو ته ثواب ملي ٿو. ان صورت ۾ مومن ناڪام ڪڏھن به نٿو ٿئي. غازي ٻڻجي يا شهيد ٿئي ھر حالت ۾ ڪامياب



books.sindhsalamat.com

رهي ٿو. اھڙي آيت به آھي ته:

ولا تهنو ولا تحزنو وانتم الاعلون ان كنتم صادقين

ترجمو: نه سست ٿيو ۽ نه غم ڪريو، اوھان ئي بلند رهندؤ اگر مومن آھيو.

محمد طارق مهيسر ان جذبي سان سماجي لکڻيون لکي رهيو آھي. ھو ھڪ حساس دل ليکڪ آھي جنهن ڪري سماج جي ڏکن کي پنهنجا ڏک، قوم جي مسئلن کي پنهنجا مسئلا سمجهي لکي ٿو. اھڙي شاھدي سندس لکڻين کي پڙھي ڏئي سگهجي ٿي.

محمد طارق مهيسر جي لکڻين جو جائزو وٺبو ته اھي مختصر، جامع ۽ عام فهم ھجڻ ڪري مقبول آھن. آءُ ادبي دنيا ۾ پنهنجي شاگردن کي شاگرد نه چوندو آھيان ڇوته ھرڪو فني خان ۽ جمندي جام آھي متان ڪيس ناگوار گذري پر محمد طارق مهيسر ۾ اھا خامي نه آھي. ٻيو ته مان اسڪولن، ڪاليجن ۽ سينٽرن جي پنهنجي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي چوندو آھيان ته اھڙا شاگرد يا شاگردياڻيون ٿي ڏيکاريو جو استاد اوھان تي ناز ڪن ته مون وٽ پڙھيو يا پڙھي آھي جيئن مان سي ايس ايس آفيسرياڻي عشرت مجاھد ڪوڪر، بئنڪ آفيسر حنا ابڙو ۽ قومي ھاڪي ٽيم جي نوجوان رانديگر ثاقب ڏھوٽ بابت ناز ڪندي چوندو آھيان ته مون وٽ پڙھيا آھن ان طرح ادبي دنيا ۾ محمد طارق مهيسر منهنجي انهن شاگردن مان آھي جن تي آءُ ناز ڪندو آھيان.



www.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح آءٌ پنهنجي ساٿي استادن ۽ استادياڻين کي چوندو آهيان ته اهڙا استاد يا اهڙيون استادياڻيون بڻجي ڏيکاريو جو جن جي باري ۾ سندن شاگرد يا شاگردياڻيون فخر سان چئي سگهن ته اسان ان عظيم شخصيت وٽ پڙهيا آهيون جيئن علامه آءِ آءِ قاضي، علامه عمر بن محمد دائودپوٽو، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ عطا محمد حامي جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون انهن تي فخر ڪندا آهن. شال الله تعاليٰ مون کي به انهن استادن مان بڻائي آمين.

محمد طارق مهيسر حساس دل، نرم طبيعت، ذهين ۽ با وفا نوجوان آهي. سندس طبيعت جو سندس لکڻين تي به اثر نمايان آهي. سندس هي لکڻيون ڪتابي صورت ۾ اچڻ سان نه فقط برائي سان نفرت پيدا ٿيندي، مسئلن حل ڪرڻ  لاءِ راءِ عام هموار ٿيڻ لاءِ دباءُ وڌندو پر اهي لکڻيون هن دور جي سماجي تاريخ ثابت ٿينديون. آخر ۾ الله تعاليٰ کان دعا آهي ته زور قلم اچا زياده.

**حزب الله آءِ سومرو ـ خيرپور**
چيئرمين
علم دوست ادبي سنگت سنڌ
0300_3290626



books.sindhsalamat.com

## قلم جي نوڪ وسيلي سماج دشمن عناصرن کي للڪاريندڙ محمد طارق مهيسر

سماج اندر ٿيندڙ اوڻائين جي پس منظر ۾ ڪرنٽ اشوز تي لکڻ منهنجي نظر ۾ هڪ ڏکيو ڪم هوندو آهي، چاڪاڻ ته قلمي پورهيو ڪندڙن کي انهن اشوز تي سگهاري نموني لکڻ لاءِ مطالعي جو وقت بنهه ڪونه ملي سگهندو آهي جڏهن ته عام رواجي موضوعن تي لکندڙن کي ڪوڙ ساري معلومات اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ انٽرنيٽ تان آسانيءَ سان ملي وڃي ٿي جنهن کي هو حوالن طور پنهنجي لکڻين ۾ استعمال ڪن ٿا پر حالاتِ حاضره تي لکندڙ دوستن جي نظر سماج ۾ رونما ٿيندڙ تبديلين، پهلوئن ۽ واقعن جي نبض تي هوندي آهي، جنهن پٽاندڙ هو پنهنجي لکڻين کي پراثر بڻائي معاشري ۾ مثبت گس متعارف ڪرائين ٿا. مون پنهنجي اديب دوست طارق مهيسر جي لکڻين ۾ معاشري جي بهتريءَ لاءِ منفي روين ۽ سوچن خلاف بغاوت جي عنصر کي پڙڪندي ڏٺو آهي. طارق مهيسر توڙي جو ڪو سينيئر ليکڪ نه آهي پر ان باوجود سندس



www.sindhsalamat.com

تحريرون سچ پچ تہ ڪيس وڏن ناليوارن اديبن جي صِف ۾ آڻي بيهارين ٿيون. هن جي تحريرن ۾ اڪثر ڪري سماجي مسئلا ۽ حالاتِ حاضره جا موضوع شامل هوندا آهن. سندس مختصر تحريرون روزاني ڪاوش اخبار جي سلسلي هائيڊ پارڪ ۾ شايع ٿيڻ سبب هر عام و خاص ماڻهوءَ جي پڙهڻ سان گڏ رياستي ادارن جي سربراهن جي آفيسن ۽ صوبائي توڙي قومي اسيمبليءَ جي فلور تي بحث جو موضوع پڻ بڻيون آهن. هن دوست ڪوڙ سارن اهڙن مسئلن کي پڻ اجاگر ڪيو آهي جيڪي مسئلا عام طور تي ننڍڙا ۽ معمولي سمجهيا وڃن ٿا پر پس پرده انهن جا نقصان وڏا ٿين ٿا. طارق مهيسر ڪشادي دل ۽ دماغ جو مالڪ، نفيس، سپاجهڙو، خوش مزاج، سماج سڌارڪ، قانوندان ۽ ڌرتي واسين لاءِ من اندر ۾ انيڪ محبتون سانديندڙ نوجوان آهي جنهن کي مون هميشہ خيرپور جي ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ وڏي چاهہ منجهان شرڪت ڪندي ڏٺو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ هو مختصر عرصي دوران خيرپور ۽ سنڌ جي ساڃاهہ وندن ۾ چڱيءَ ريت سڃاتو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ منهنجي ذاتي سڃاڻ هڪ ليکڪ سان گڏ سماج سڌارڪ طور پڻ آهي ان ڪري آءٌ ڪاوش هائيڊ پارڪ ۾ سماجي مسئلن تي خيرپور جي هن دوست جون تحريرون پڙهندو هوس تہ مون کي بيحد خوشي ٿيندي هئي تہ خيرپور ۾ اهڙا سماجي درد رکندڙ ليکڪ بہ موجود آهن جيڪي اسان جي مشن کي پنهنجي تحريرن جو محور بڻائين ٿا چاڪاڻ





تہ هڪ سماج سڌارڪ جي حيثيت ۾ اسين عملي طور ميدان ۾ سماجي مسئلن جي حل لاءِ جستجو ڪندا رهيا آهيون جڏهن تہ طارق مهيسر وري پنهنجي قلم کي عَلَمُ بڻائي اسان جو ٻانهن ٻيلي بڻجندو رهيو آهي. هونئن بہ اها چوڻي مشهور آهي تہ ”قلم جي نوڪ ترار جي تيز ڌار کان وڌيڪ تِکي هوندي آهي، سو طارق مهيسر بہ پنهنجي قلم جي نوڪ وسيلي سماج دشمن عناصرن کي هميشہ للڪاريندو رهي ٿو. آخر ۾ ساڻس لاءِ دعا آهي تہ ٻاجهارو الله ڪيس اجا وڌيڪ سگهہ عطا فرمائي.

**فياض عباسي - خيرپور**

سماج سڌارڪ _ ليکڪ

# صحتمند تبديليءَ جي خواهش جو ڏيئو

طارق مهيسر نوجوان ليکڪ آهي ۽ وڪالت سندس پيشو آهي. هڪ حساس ۽ درمند دل رکندڙ ليکڪ ۽ هڪ ذميوار قانوندان هئڻ جي ناتي سندس نگاهَه هميشه زندگي ۽ سماجَ تي رهي آهي. زندگي ۽ سماجَ تي سندس هميشه گهري ۽ تنقيدي نگاهَه رهي آهي ۽ انهيءَ حوالي سان هُو ننڍڙين مختصر تحريرن ذريعي اظهار به ڪندو رهي ٿو. سماجَ ۾ صحتمند تبديليءَ جي خواهش جو ڏيئو هميشه سندس مَنَ ۾ ٻرندو ٿي رهيو آهي. چڱائيءَ جي پنڌَ ۾ ننڍي کان ننڍي وِکَ جي به پنهنجي اهميت هوندي آهي. لطيف سائينءَ جي لفظن ۾ جيڪي ”هِتان ڪٽي هُتِ“ رکندا آهن، سي پنهنجي ماڳِ رَسندا آهن ۽ پوءِ ”سَاجن، سونهن ۽ سرت“ سندن ”وِڪان ٿي ويجهو گهٽو“ ٿي پوندا آهن... سو منهنجي خيالَ ۾ اسان جي هن باصلاحيت دوستَ جي پهرين وِکَ بنهه سجائي آهي. سندس جذبو ۽ اجان به وڌيڪ مطالعو ڪيس هِڪَ سٺي ۽ سگهاري ليکڪ جي سڃاڻپ عطا ڪندو.

**امر اقبال**
شاعر / اديب



# طارق جو هي ڪتاب تاريخ ثابت ٿيندو

ڏهاڪو ورهيه اڳ منهنجو هڪ دوست وڪيل محترم علي محمد پيلارُ مون سان ڳڏ بار روم ۾ سماجي ۽ سياسي بحث مباحثو ڪري رهيو هو. ان جي زبان مان نڪتل هڪ جملي مون کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ سچ پچ ته سوچڻ تي مجبور ڪيو هو. هُن منهنجي اکين سان اکيون ملائي چيو هو ته سائين ڇا توهان اِهو ٿا سمجهو ته ”وڪيل جو ڪم بس رڳو اهو آهي ته بغل ۾ فائيل ڪڇي، منشيءَ کي پويان لائي ڪڏهن ڪهڙي ڪورٽ ته ڪڏهن ڪهڙي ڪورٽ ۾ ماڻهن کان پئسا وٺي انهن جي حقن جي وڪالت ڪندو رهي!“ گهڙي کن لاءِ چُپ ٿي ويو هيس پوءِ پيلارُ صاحب کي چيم ته نه سائين وڪيل جي اها به ذميواري آهي ته هو سماج ۾ ٿيندڙ برائين، پنهنجي ڳوٺ، وستي، واهڻ، شهر کان وٺي ملڪي سطح تائين تعليمي معيار، جاڻ ۽ صحت جي مسئلن کان وٺي، سماج ۾ رهندڙ ماڻهن جي سياسي، سماجي، معاشي مسئلن جي حل لاءِ به جدوجهد ڪري، بنيادي انساني حقن، آئيني حقن جي حاصلات لاءِ به آواز اُٿاري، غريب ابوجهه ماڻهن سان ٿيندڙ ويساهه گهاتيءَ تي چُپ ڪري نه ويهي، حاڪم ۽ حڪومت کي احساس ڏياري ته سرڪاري کاتا قانون ۽ ضابطن جي ابتڙ ڪم پيا ڪن.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بنيادي سهولتون جيڪي عام ماڻهن کي ملڻ کپن اُهي ڪونہ پيون ملن، نہ ئي وري عوامي ادارا عوام جي فائدي لاءِ ڪم پيا ڪن. ايڏي وڏي لپاڙ کان پوءِ جڏهن پنهنجي گريبان ۾ جهاتي پاتي تہ مورڳو پاڻ کي تہ سواءِ ”پاڙو وڪيل“ ئي سمجهڻ لڳم ۽ پوءِ ماٺ ڪري ويهي رهيس. ها نہ مون جهڙو وڪيل جيڪو فل ٽائيم پروفيشنل ۽ رڳو ماڻهن کان پئسا (فيس) وٺي صبح کان منجهند تائين فوجداري، ديواني ڪيسن ۾ ڪورٽن جي آڏو پيش ٿيڻ کان سواءِ ڪو ڪم ئي ڪونہ. جڏهن چار سال ڪن ٿيندا تہ محترم محمد طارق مهيسر صاحب سان ملاقات ٿي، هن جي هڪ وڪيل ۽ عوامي حقن جي ترجمان جي جنهن ڳالهہ مون کي تمام گهڻو متاثر ڪيو، اها هئي تہ هي هڪ پيشہ ور وڪيل جي حيثيت سان بہ پنهنجا فرض ڪورٽ ۾ ادا ڪري ٿو پر ان سان گڏ هي عام ماڻهن جا سماجي، سياسي ۽ معاشي مسئلا قلم ذريعي عوامي نمائندن، ذميوار ڪامورن تائين مختلف اخبارن ۾ خطن جي ذريعي پڻ پهچائي ٿو ۽ انهن اپوجهہ، غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي اهڙي نموني بہ وڪالت ڪري ٿو جيڪو اعزاز تمام گهٽ وڪيلن کي حاصل آهي. منهنجي لاءِ اها وري تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ طارق صاحب منهنجو ساٿي Associate وڪيل بہ آهي ۽ اطمينان جي ڳالهہ پڻ آهي تہ جيڪا منهنجي خواهش رهي آهي تہ سماجي، سياسي، معاشرتي مسئلن تي لکجي، آواز اُٿارجي اهو ڪم جيڪڏهن مان سڌو سنئون نہ ٿو ڪري



سگهان تہ اڻ سڌي طرح ڪري رهيو آهيان.

هڪ ڳالهہ تمام اهم آهي تہ طارق جو هي ڪتاب مستقبل ۾ تاريخ جو اهم دستاويز پڻ هوندو، مستقبل ۾ جيڪڏهن اسان جا، ملڪ جا ۽ قوم جا حالات بهتر ٿيندا تہ ايندڙ نسل هي ڪتاب پڙهي اهو ضرور محسوس ڪندو تہ اسان جي پوئين نسل ڪيترن مسئلن ۽ مونجهارن کي منهن ڏنو. اسان جا بزرگ ڪيترا تہ باشعور هيا جو هُو پنهنجي مسئلن کي اخبارن ذريعي ايوانن تائين، آفيسر شاهي ۽ عوامي نمائندن تائين پهچائيندا هئا ۽ جيڪڏهن حالات بهتر ٿيڻ کان مورڳو ئي خراب ٿيا تہ بہ ايندڙ نسلن کي آگاهي ملندي تہ اسان جا وڏا ڪهڙين حالتن ۾ رهيا ۽ هو پاڻ کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪاوشون ڪندا رهيا. ڪنهن بہ رُخ کان هي ڪتاب هڪ تاريخ آهي ۽ اهو اعزاز هن کان اڳ منهنجي ناقص علم مطابق ڪنهن بہ اديب، انساني حقن جي ڪارڪن يا ليکڪ کي حاصل ڪونہ رهيو آهي تہ سماج جي مسئلن کي اخبارن ذريعي روشناس ڪرائي ۽ پوءِ وري ان پورهئي کي ڪتاب جي شڪل ۾ آڻي هڪ تاريخي دستاويز جي شڪل ڏني.

**منظور حسين لاڙڪ**

وڪيل سپريم ڪورٽ / ڪهاڻيڪار



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# عزم، حوصلي ۽ جستجوءَ وارو جوان

هر انسان لاءِ ان جي زندگيءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه اهم هوندو آهي. يا ته هو شهرت کي پسند ڪندو آهي يا اسٽيٽس ۽ دولت حاصل ڪرڻ جو خواهشمند هوندو آهي پر مان هڪ بهترين قانوندان هجڻ جي ناتي محمد طارق مهيسر ۾ مٿيون ڳالهيون نه ڏٺيون. نه محسوس ڪيون ۽ نه انهن جي جستجوءَ لاءِ کيس پريشان ٿيندي ڏٺو. ها باقي مون کيس پريشان ٿيندي ڏٺو سماجي مسئلن خاطر. معاشري ۾ غير قانوني ڪمن جي ٿيڻ واسطي، اقرباپروري، ڏاڍ مڙسيءَ جي خلاف. پوءِ هن قلم کنيو. انهن جي نشاندهي ڪئي، بنا خوف جي سندس سماجي مسئلن تي لکڻيون جاندار رهيون. اهو سلسلو سندس نه رڪجڻ وارو اڄ به جاري ۽ ساري آهي. غريب، مظلوم ۽ مزدور جو هميشه همدرد ۽ هڏڏوکي رهيو آهي. استادن جي تعظيم ڪندو رهيو آهي. معاشري جي سٺن ڪردارن جو حامي رهيو آهي. جنهن جو ثبوت اوهان سندس هن ڪتاب جي اڀياس مان حاصل ڪري سگهو ٿا. لکاري ۽ ان جو تحريرون هميشه موجود هونديون آهن. جيڪڏهن سالن کان پهريان جي ڪنهن ليکڪ کي ڳولهجي ۽ هو اسان جو ڏٺل به نه هجي سندس ڪٽنب قبيلو به ظاهر نه هجي ته به ان کي ڳولهي سگهجي ٿو. ان جي لکيل ڪتابن مان. ان جي تشخيص جي پرک ڪري سگهجي ٿي. محمد طارق مهيسر به هاڻي



تاريخ جو هڪ حصو بڻجي چڪو آهي. سندس ڪتاب سماجي مسئلن، سماج ۾ ٿيندڙ اڻ برابري کي نمايان ڪندڙ هڪ دستاويز آهي.

محمد طارق مهيسر ٻين جي مدد ڪري دلي تسڪين ۽ روحاني سڪون حاصل ڪرڻ جي خواهش رکندڙ نوجوان آهي. چئلينج سمجهي ان تي قلم کڻندڙ نوجوان آهي. مان کيس هميشه لکڻ کان پهريان موضوع تي تحقيق ڪندي ۽ معلومات جي حصول کان پوءِ تحرير ڪندي ڏٺو آهي ان ڪري سندس لکڻيون مضبوط دليلن جي سبب هميشه جاندار رهيون آهن. سماجي مسئلن کي لاڳاپيل ادارن ۽ شخصيتن تائين واضح دليلن ۽ ثبوتن سان پهچائڻ لاءِ صلاحيت، لکڻي جو انداز، جستجو، عزم ۽ حوصلو هجڻ ضروري آهي. اهو سڀ محمد طارق مهيسر ۾ ڏٺو ويو آهي.

محمد طارق مهيسر اڃان نوجوان آهي خدا کيس اڃان وڌيڪ حوصلو ڏئي ته دنيا ۾ اڻ برابري، لاقانونيت، حقن جي حاصلات لاءِ سندس قلم ائين ئي لکندو رهي. اهو جذبو ۽ سندس جوش ڪڏهن به ماٺيٽو نه ٿئي (آمين)

**ظهير احمد لاڙڪ**

تعليمدان / سماج سڌارڪ

# پنهنجي پاران

آئون ڪو باقاعده پڪو پختو ليکڪ نه آهيان. بنيادي طرح منهنجي لکڻ جا ٻه سبب آهن، جنهن جي ڪري مان لکڻ جي هن ميدان ۾ پير پاتو. هڪ نامور ليکڪ، اديب ۽ استاد علامه حزب الله آءِ سومرو سان ٿيندڙ ڪچهريون ٻيو خيرپور ۾ ٿيندڙ ادبي پروگرامن ۾ شرڪت، جنهن کان پوءِ هن ڪم کي جاري رکڻ لاءِ ٻه ٻيا سبب منهنجي لاءِ اتساهه جو سبب بڻيا. هڪ نامور ليکڪ، نقاد استاد عبدالرسول ”دربان“ خاصخيلي پاران ڪيل مون تي تنقيد ۽ ٻيو روزاني ڪاوش پاران منهنجا خط وقت سر شايع ڪرڻ آهي. باقي رهيو سوال لکڻ جي ميدان ۾ مون سماجي مسئلن تي لکڻ کي چو اهميت ڏني؟ منهنجو ننڍپڻ کان اهو خواب هيو ته مان اهو ڪم ڪيان جو ڪنهن ٻئي جي ڪم اچي سگهان. پوءِ خدا تعاليٰ کي شايد اهو ئي منظور هيو ته مان پنهنجي قلم جي ذريعي عوام جو آواز بڻجي سگهان. هن ڪتاب ۾ منهنجا اهي مضمون شامل آهن جيڪي روزاني ڪاوش جي مقبول ترين اظهار جي آزادي جي پليٽ فارم ”هائيڊ پارڪ“ ۾ شايع ٿيا آهن جن ۾ ماڻهن جا درد، سور، احساس، انهن جا اهنج، انهن سان ٿيندڙ ٻيواجبين سميت ٻيا ڪيترائي سماجي عڪس شامل آهن. الله پاڪ جو شڪر ادا ڪريان ٿو جو منهنجا ڪيترا مضمون ترت علاج طور مسئلن جو حل بڻيا. پڙهندڙن طرفان هر قدم تي منهنجي رهنمائي ڪرڻ ۽ مون کي همٿائڻ تي سنڌ جي ماروئڙن جو شڪرگذار آهيان. منهنجي دعا آهي ته سنڌ جي ماروئڙن جا سڀ سور ۽ ڏک ختم ٿي وڃن ته جيئن سنڌ جا سڀ رهواسي امن، سڪون، ايڪي ۽ ٻڌيءَ سان



books.sindhsalamat.com

محبتن جي مانڊاڻ کي مچائيندا رهن ۽ پنهنجي لاءِ اها دعا گهران ٿو ته هي قلم ڪڏهن به ڪنهن جابر، وڏيري يا ڏاڍ ڪرڻ واري جي اشاري تي نه هلي بلڪ ائين ئي مظلومن جو سگهارو آواز بڻجي. منهنجي پڙهندڙن کي اها به وينتي آهي ته هو هن سلسلي ۾ ڪا راءِ يا تجويز ڏين ته آئون سندن ٿورائتو رهندس. هنن مضمونن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ جن دوستن ۽ مهربانن مون کي همٿايو مان انهن جو ٿورائتو آهيان انهيءَ سان گڏ مان بيحد شڪرگذار آهيان سائين حزب الله آءِ سومري جو جنهن هن ڪتاب جو نه صرف مهاڳ لکيو بلڪ منهنجي رهنمائي به ڪئي. انهيءَ سان گڏ محترم سائين منظور حسين لاڙڪ، پياري امر اقبال، پنهنجي مهربان ڀاءُ استاد ظهير احمد لاڙڪ ۽ ڀاءُ فياض عباسي جن جو به انتهائي مشڪور آهيان جن منهنجي هن ڪتاب تي رايا ڏنا جڏهن ته پياري خادم ڪلهوڙي جو به احسان مند آهيان جنهن بيڪ ٽائيٽل لکيو. هنن لمحن ۾ مان پياري آصف نظاماڻي کي ڪيئن وساريان جنهن هن ڪتاب جو خوبصورت ۽ وڻندڙ ٽائيٽل ڊزائين ڪيو. پياري زبير سومري جو به مشڪور آهيان جنهن هن ڪتاب کي خوبصورت نموني سان ڪمپوز ڪيو. آخر ۾ عبدالڪريم ”گدائي“ جون هي سٽون سنڌين جي نانءِ!

ساڃ هلندو رهي، لاٽ ٻرندي رهي،
نوجوان ساٿيو سنڌ جا وارثو.

**محمد طارق مهيسر**
خيرپور
موبائل نمبر: 0301-3631582



www.sindhsalamat.com

# باب پهريون

# ڪاپي ڪلچر جي خاتمي لاءِ ڪجهه صلاحون

جيڪڏهن تعليم کاتي جي ڳالهه ڪجي ته، ان جي بجيٽ اربين رپيا آهي، پر ان جو ڪم گهٽ ٿو نظر اچي، آخر ڪهڙا سبب آهن جو سنڌ جي سرڪاري تعليم نٿي سڌري؟ اهو هڪ الڳ موضوع آهي پر هن وقت اسان تعليم کاتي جي عملدارن کي ڪاپي ڪلچر جي خاتمي لاءِ ڪجهه صلاحون ڏيڻ ضروري ٿا سمجهون. هڪ ته استادن کان حلف ورتو وڃي ته، نه ئي اهي ڪاپي ڪرائيندا، نه ئي ڪرڻ ڏيندا. ٻيو ڪنهن به ماڻهوءَ کي امتحاني سينٽر جي آسپاس ويهڻ نه ڏنو وڃي. هونئن ته ان ڳالهه تي سدائين قلم 144 لاڳو ٿيندو آهي، پر ان تي عمل نه ٿيندو آهي، اگر قلم 144 تي عمل ڪيو وڃي، ته ڪاپيءَ کي روڪي سگهجي ٿو. ٽين ڳالهه اها ته پيپر جي دوران فوٽو اسٽيٽ مشينن کي بند رکيو وڃي، موبائل فون ڪٽي اچڻ تي پابندي هنئي وڃي، ڪلوز سرڪٽ ڪئميرائن ذريعي امتحان جي نگراني ڪئي وڃي. ان کان سواءِ صاف شفاف ڪاميٽيون ٺاهيون وڃن، جيڪي امتحاني سينٽرن تي ڇاپا هڻن، امتحاني سينٽر جي ٻاهران جيڪي پوليس وارا ۽ اسڪول جا پٽيوالا ويهاريا وڃن ٿا، انهن کي به سختيءَ سان پابند ڪيو وڃي، ته هو پئسن جي لالچ ۾ ڪنهن جو مواد اندر نه پهچائين. منهنجي تعليم جي اختيارين کي گذارش آهي ته، هنن صلاحن / مشورن تي غور ضرور ڪيو وڃي.



# سنڌ ۾ ڊي اين اي ٽيسٽ جي ليبارٽري قائم ڪئي وڃي!

هلندڙ مهيني جي شروع وارن ڏينهن ۾ ملير ۾ ٿيل خوفناڪ حادثي ۾ 62 انساني جانيون ضايع ٿي ويون. مسافر ڪوچ جو آئل ٽينڪر سان ٽڪر ٿيڻ جي ڪري ڪوچ کي باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 62 انساني جانيون سڙي ڪوئلو ٿي ويون، جنهن جي ڪري لاشن جي سڃاڻپ به نه ٿي سگهي. لاشن جي سڃاڻپ نه ٿيڻ جي ڪري انهن (فوت ٿيلن) جي رشتيدارن کان ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ سيمپل ورتا ويا، جيڪي بعد ۾ اسلام آباد اماڻيا ويا آهن ۽ وارثن کي اهو چيو ويو ته، ڊي اين اي ٽيسٽ لاءِ هفتو لڳي ويندو. ان کان چار ڏينهن کان پوءِ اسلام آباد مان ڊاڪٽرن جي هڪ ٽيم ڪراچي پهتي. اسلام آباد مان ڪراچي پهتل ڊاڪٽرن جي ٽيم وري ٻيهر جزا وٺڻ جو فيصلو ڪيو، جنهن جي ڪري فوت ٿيلن جا وارث تمام گهڻي پريشانيءَ ۾ مبتلا آهن. چوڻ جو مقصد اهو آهي ته تمام گهڻي شاهوڪار صوبي سنڌ ۾ ڊي اين اي ٽيسٽ جي ليبارٽري به نه آهي. حڪمرانن کي گذارش آهي ته سنڌ ۾ ڊي اين ٽيسٽ جي ليبارٽري قائم ڪئي وڃي، ته جيئن اهڙي قسم جي صورتحال ۾ ترت ٽيسٽ ڪري لاشن جي سڃاڻپ ڪئي وڃي.

**روزاني ڪاوش 23 جنوري 2015 ع**

# آبادگارن کي ڪمند جيان نہ پيڙيو!

سنڌ جي معيشت جو چڱو خاصو حصو زراعت سان لاڳاپيل آهي پر بدقسمتيءَ سان سنڌ جي آبادگارن کي هٿ وٺي ڪنگال بڻايو پيو وڃي. ڪمند، ساريون، ڪڻڪ، ڦٽيون اهم فصل آهن. ڏنو وڃي تہ هن سال سارين جا اگهہ نہ هجڻ جي برابر آهن، اهڙيءَ ريت ڦٽين سان بہ ساڳي حالت آهي. اصل مسئلو وري ڪمند جي حوالي سان آهي تہ هر سال سنڌ حڪومت پهرين آڪٽوبر کان شگر ملون هلائڻ جو اعلان ڪندي آهي ۽ ان سان گڏ ڪمند جو اگهہ بہ مقرر ڪندي آهي. هن سال ڪمند جو اگهہ 182 رپيا مقرر ڪيو ويو آهي، پر بدقسمتيءَ سان سنڌ ۾ اڪثر شگر ملون پوتارن جون آهن ۽ انهن شگر ملن جي مالڪن سنڌ حڪومت جي فيصلي کي پٺي ڏئي ڇڏي آهي. نتيجي ۾ هن وقت تائين شگر ملون صحيح معنيٰ ۾ نہ هليون آهن ۽ جيڪڏهن ڪجهہ هلن بہ ٿيون تہ اهي حڪومت جو مقرر ڪيل اگهہ نٿيون ڏين، جيڪا آبادگارن سان سراسر ناانصافي آهي. اسان سنڌ جي حڪمرانن کي اپيل ٿا ڪريون تہ سنڌ ۾ ڪمند جي مقرر ڪيل اگهہ تي عمل ڪرائي آبادگارن کي ڪنگال ٿيڻ کان بچايو وڃي.

روزاني ڪاوش 25 جنوري 2015ع


books.sindhsalamat.com

# سنڌ جي تعليم تي ٿيندڙ ”تجربا“!

تقريبًا هڪ مهينو پهرين سيڪريٽري تعليم خيرپور جي چوڏهن اسڪولن کي ڪنهن غير سرڪاري ادارن جي حوالي ڪيو انهيءَ عمل خلاف استاد مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن. پر هميشہ وانگر سنڌ حڪومت جي ڪنن تي جُونءِ بہ ڪانہ ٿي سري، تعليم کاتي جي اختيارين مطابق سرڪاري اسڪولن جو معيار خراب ٿي ويو آهي، انهيءَ معيار کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪجهہ اسڪول غير سرڪاري ادارن حوالي ڪيا ويا آهن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن سرڪار کي واقعي تعليم جو معيار بهتر ڪرڻو آهي تہ سرڪار وٽ ٻيا ڪي بہ اختيار نہ هئا، جنهن جي ذريعي سرڪاري اسڪولن ۾ سڌارو اچي سگهي. هاڻي ٿيڻ ائين کپي تہ. سرڪار پنهنجو اهو فيصلو واپس وٺي تعليمي ادارن تي ”تجربا“ ڪرڻ بند ڪري، تہ جيئن ٻارن جو مستقبل بچي سگهي.

روزاني ڪاوش 25 فيبروري 2015ع


www.sindhsalamat.com

# گُلن جي ورڪا موجوده حڪمرانن تي بہ ٿي سگهي ٿي پر....!

اَڃي کي ”ڪارو“ ۽ ڪاري کي ”اڇو“ چوڻ جو رواج تہ سالن کان هِتي رائج آهي، پر جيڪي ماڻهو سچ چوڻ جي صلاحيت رکن ٿا، انهن آڏو رڪاوٽ جي ڪا بہ ديوار گهڻي دير رهي ناهي سگهندي توڙي جو اڄا بہ ڪٿي ڪٿي ”ڪاري رات“ ضرور آهي، پر هاڻي ماڻهو چڱي کي چڱو ۽ خراب کي خراب چوڻ جي سمجهہ ضرور رکن ٿا جنهن جو مثال خيرپور ۾ اي ايس پي مسعود بنگش جي بدليءَ واري معاملي مان ملي ٿو. خيرپور ۾ تقريبًا ٻن ٽن ڏهاڪن کان بدامني، اغوا جون وارداتون، موٽر سائيڪلن ۽ گاڏين جون چوريون، گهرن ۾ ڌاڙا، چوپائي مال جي چوري عام جام هُئي ۽ عوام جو ويساهہ گهڻي ڀاڱي پوليس تان کڄي چُڪو هو، ان ڪانپوءِ خيرپور ضلعي ۾ هڪ ايماندار پوليس آفيسرن جي ٽيم آهستي آهستي بدامنيءَ کي ختم ڪري امن جي پاريهر کي ٻيهر


books.sindhsalamat.com

خيرپور ۾ موٽايو. ان ڪانپوءِ جڏهن امن امان تقريبًا بحال ٿي چڪو هو، تہ سياسي مداخلت تي خيرپور جي بهادر ۽ ايماندار پوليس آفيسر مسعود بنگش کي بدلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تہ خيرپور ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عوام روڊن تي اچي ويو ۽ مسعود بنگش جي بدليءَ کي نامنظور چئي بدليءَ کي روڪڻ جو مطالبو ڪيو. ان ڪانپوءِ جڏهن بدلي روڪي وئي، تہ خيرپور جي عوام ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي. بدلي رُڪجڻ ڪانپوءِ پهريون ڀيرو جڏهن ڪراچيءَ کان ايماندار پوليس آفيسرن جي ٽيم خيرپور اچي رهي هئي تہ خيرپور جي باشعور عوام خيرپور ضلعي جي شروع ٿيندڙ حد رسول آباد کان وٺي خيرپور جي ايس ايس پي آفيس تائين ڪيترن جڳهن تي ايماندار آفيسرن جي آجيان ڪري مٿن گل نڇاور ڪيا. اهڙو مثال سنڌ تہ ڇا پر پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ نٿو ملي، جو ڪنهن سياستدان کان علاوه ڪنهن پوليس آفيسرن جو ايڏو وڏو استقبال ٿيو هجي. چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ، هاڻي عوام چڱي کي چڱو ۽ خراب کي خراب چوڻ جي جرئت ضرور رکي ٿو.

روزاني ڪاوش 13 مارچ 2015ع


www.sindhsalamat.com

## سي اين جي اسٽيشنز جي غلط جڳهه تي قيام جا نقصان

سپريم ڪورٽ جي واضح حڪم مطابق، ڪنهن به آباديءَ واري علائقي ۾ سي اين جي اسٽيشنز قائم نه ڪيون وڃن پر ان جي باوجود خيرپور شهر جي اهم ترين روڊ، اسٽيشن روڊ تي هڪ نه بلڪ ٻه اسٽيشنز قائم ٿيل آهن. اسٽيشن روڊ، جيڪو تعليمي ادارن جي حوالي سان تمام اهم ترين روڊ آهي، جنهن ۾ تاريخي ناز هاءِ اسڪول، لطيف، عطيه اسڪول جهڙا تعليمي ادارا قائم آهن. هاڻي ٿئي ائين ٿو ته سي اين جي، جي لوڊشيڊنگ جي ڪري هڪ ڏينهن سي اين جي اسٽيشنز کليل هجن ٿيون ۽ هڪ ڏينهن بند هجن ٿيون. هڪ ڏينهن بند ٿيڻ کان پوءِ جڏهن اسٽيشنون ٻيهر کلن ٿيون، تڏهن سوين گاڏيون گئس پرائڻ جي لاءِ بيهن ٿيون. نتيجي ۾ اسڪول ۽ ڪاليج ڏانهن ويندڙ شاگرد ۽ شاگردياڻيون سڄو ڏينهن ٽرئفڪ ۾ ڦاسي پوَن ٿا، جنهن جي ڪري ڪافي شاگردن جا ڪلاس مِس ٿي وڃن ٿا. هاڻي انهن ايترن تعليمي ادارن جي هوندي سي اين جي اسٽيشنز جو قيام سپريم ڪورٽ جي حڪم جي انحرافيءَ سان گڏ هزارين شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ آزار به بڻيل آهي، جنهن معاملي تي انتظاميه جون اکيون کلڻ گهرجن!

روزاني ڪاوش 19 مارچ 2015ع



books.sindhsalamat.com


## معصوم حياتيون ڳڙڪائيندڙ کُليل گٽرن جا اجگر واتَ بند ڪريو!

آئون جڏهن نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس ته منهنجي ڪلاس جو هڪ دوست پنهنجن ٻن دوستن سان گڏ کليل گٽر ۾ ڪرڻ جي ڪري فوت ٿي ويو هو. اها 2004ع جي ڳالهه آهي، جيتوڻيڪ انهيءَ ڳالهه کي ٻارنهن سال گذري ويا آهن. تڏهن به اها ڳالهه انڪري به ڪونه ٿي وسري جو اهڙا واقعا اڄا به ٿي رهيا آهن. تقريبًا سڄي سنڌ ۾ اهڙي قسم جا واقعا عام ٿي رهيا آهن. ڪڏهن ڪهڙي شهر مان ته ڪڏهن ڪهڙي شهر مان اها خبر ٻڌڻ ۾ ٿي اچي ته اڄ فلاڻي شهر ۾ فلاڻي جو پٽ يا نياڻي کليل گٽر ۾ ڪرڻ جي ڪري فوت ٿي ويا. انتظاميه جي آخر ڪهڙي مجبوري آهي، جنهن جي ڪري گٽرن کي کليو رکيو ٿو وڃي. انهيءَ نااهليءَ جي ڪري گلڙن جهڙا ٻار کليل گٽرن جي ڪري حياتي وڃائي ويهن ٿا ۽ الائي ڪيترن والدين جون هنجون خالي ٿي وڃن ٿيون. هر ضلعي جي انتظاميا ۽ لاڳاپيل کاتي کي نِماڻي گذارش آهي ته خدارا! گٽرن جي انهن اجگر واتن کي بند ڪري معصوم ٻارڙن جي زندگين کي بچايو وڃي.

روزاني ڪاوش 21 مارچ 2015ع



www.sindhsalamat.com

# خيرپور ۾ مڇر مار ڦوهارو ته ڪرايو!

چوندا آهن ته، احتياط علاج کان بهتر آهي پر سنڌ ۾ احتياط نالي ڪا به شئي نه آهي. احتياط جو مطلب اهو آهي ته هِن وقت مڇرن جو آزار تمام گهڻو وڌي چُڪو آهي، ننڊ پيل اعليٰ عملدارن کي هاڻي اکيون کولي مَڇرن کان بچڻ لاءِ احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻيون پونديون. مڇرن جي ڪري بيماريون جنم وٺن ٿيون. هن وقت گرمي به پنهنجو زور وٺي رهي آهي ۽ ان سان پاڻي ۽ بجليءَ وارو ڪاتو به لوڊشيڊنگ وڌيڪ ڪرڻ ۾ زور وٺي رهيو آهي جنهن جي ڪري مڇرن جو آزار به تمام گهڻو زور وٺي رهيو آهي، ان ڪري هن وقت خيرپور ۾ مڇر مار ڦوهاري جي تمام گهڻي ضرورت آهي، حالانڪ مڇرن کي مارڻ لاءِ تمام گهڻي بجيٽ ملي ٿي پر خبر ناهي اها بجيٽ ڪيڏانهن وڃي ٿي. اسان انتظاميا کي گذارش ٿا ڪريون ته، خيرپور ۾ جلد مڇر مار ڦوهارو ڪرائي خيرپور واسين کي سڪون جي ننڊ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي!

روزاني ڪاوش 27 مارچ 2015ع


books.sindhsalamat.com

# سنڌ ۾ رڳو حادثن مٿان حادثا ڇو ٿا ٿين؟

ڏٺو وڃي ته سنڌ ۾ حادثا روز جو معمول بڻيل آهن. حادثا ڪيئن ٿا ٿين ۽ ڇو ٿا ٿين ۽ انهن حادثن جي ذميوارن کي سزا ڇونه ٿي ملي، اهي وڏا سوال آهن. جيتوڻيڪ اسان وٽ ٽريفڪ قانون تي عمل جي فقدان، روڊن جي خراب حالت ۽ سار سنڀال نه ٿيڻ سبب حادثا معمول بڻيل آهن. اسان ته انهن حادثن مان ڪجهه سکڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي آهي. ٿيڙهيءَ وارو حادثو وڏو حادثو هو، جنهن ۾ تقريبن 65 انساني جانيون ضايع ٿي ويون هيون. پوءِ اسان سمجهيو ته خيرپور جي انتظاميا ان حادثي مان ڪجهه نه ڪجهه ضرور سکيو هوندو، پر اها صرف اسان جي خوش فهمي هئي، ڇو جو ان واقعي کان ڪجهه وقت ڪانپوءِ هڪ ٻيو وڏو حادثو سيٺارجا ۾ پيش آيو، جنهن ۾ 15 انساني جانيون ضايع ٿي ويون ۽ درجنين ماڻهو زخمي ٿي پيا هئا. صرف ٿيڙهيءَ وارو مثال ڪافي نه آهي، پر ملير وارو حادثو به ڪنهن کان لڪيل ڪونهي، جنهن ۾ تقريبن


www.sindhsalamat.com

65 انساني جانيون اجل جو شڪار ٿي ويون هيون. هي ته اهي حادثا آهن، پر ڪيترائي حادثا اهڙا به ٿين ٿا، جيڪي ميڊيا تي هاءِ لائيٽ نه ٿا ٿين. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ننڍا حادثا ته روز جو معمول بڻيل آهن، جن ڪي ته انتظاميه ڪنگهي به ڪونه ٿي، باقي مٿي ذڪر ڪيل وڏا وڏا واقعا تيستائين انتظاميا تائين رپورٽ نه ٿا ٿين، جيستائين ميڊيا انهن کي هاءِ لائيٽ نه ٿي ڪري، جڏهن ميڊيا هاءِ لائيٽ ڪري ٿي ته پوءِ انتظاميا ٿورو حرڪت ۾ اچڻ بعد پوءِ وري خاموش ٿي وڃي ٿي. مطلب چوڻ جو ته جيستائين روڊن جي حالت نه سڌرندي ۽ ٽريفڪ قانون تي عمل نه ڪرايو ويندو، تيستائين حادثن مٿان حادثا ٿيندا رهندا. اسان وٽ حادثن کي روڪڻ لاءِ ڪي اپاءَ نه ٿا ورتا وڃن، اها حقيقت آهي ته جيستائين صحيح معنيٰ ۾ حادثن جي ذميوارن جو تعين نه ٿيندو ۽ انهن ذميوارن کي سزا نه ملندي، تيستائين اهي حادثن مٿان حادثا ٿيندا رهندا.

روزاني ڪاوش 29 مارچ 2015 ع


books.sindhsalamat.com

## فُوٽ پاٿن تي به قَبضا!

ڏٺو وڃي ته هر شهر ۾ فُوٽ پاٿ ٺهيل هوندا آهن، پر انهن مان اڪثر عوام لاءِ بي لاپ بڻيل هوندا آهن، اسان وٽ فوٽ پاٿ ڄڻ ٺهندا ئي قبضي لاءِ آهن. عام طرح اسان کي فوٽ پاٿن تي دوڪانن جا قبضا، مثال طور مرغيءَ واري جو دوڪان آهي ته اهو صندل اچي فوٽ پاٿ تي رکندو، ڊڪڻ جو دوڪان آهي ته اهو در ۽ دريون فوٽ پاٿ تي رکي ڇڏيندو يا وري اسان وٽ اڪثر ڪري فوٽ پاٿن تي ماڻهو ڪاروبار ڪندي نظر ايندا آهن، جنهن سبب ماڻهن جو اُتان هلڻ به محال بڻجيو وڃي. هاڻي سوا اهو ٿو پيدا ٿئي ته، فوٽ پاٿن تان قبضا ڪير ختم ڪرائيندو؟ ان سلسلي ۾ سيني ضلعن جي انتظاميه کي گهرجي ته، فوٽ پاٿن تان فورن قبضا ختم ڪرايا وڃن، ته جيئن عوام کي پيش ايندڙ پريشانيون ختم ٿي سگهن.

روزاني ڪاوش 02 اپريل 2015 ع


www.sindhsalamat.com

# سواليه پيپر ته واپس ڏيو!

اڪثر يونيورسٽيون داخلا ڪان پهرين انٽري ٽيسٽ وٺنديون آهن. ڪجهه يونيورسٽيون پنهنجو پاڻ ٽيسٽ وٺنديون آهن. ته ڪجهه وري خانگي ٽيسٽن جي اداري ڪان ٽيسٽ وٺرائينديون آهن. ساڳيو طريقو وري نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. اسان وٽ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه وڏا ادارا قائم ٿيل آهن. جن جي ذريعي ٽيسٽ ورتي ويندي آهي، جن ۾ صوبائي پبلڪ سروس ڪميشن. وفاقي پبلڪ سروس ڪميشن ۽ اين ٽي ايس شامل آهن. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته مٿي ذڪر ڪيل ٽيسٽ وٺندڙ اعليٰ ادارا جڏهن اميدوارن ڪان ٽيسٽ وٺن ٿا. ته سواليه پيپر ۽ جوابي ڪاپي الڳ الڳ فراهم ڪن ٿا. پر افسوس سان اهو چوڻو ٿو پوي ته جڏهن اميدوار پيپر ڪري وڃي ٿو. ته جوابي ڪاپيءَ سان گڏ سواليه پيپر به واپس ورتو وڃي ٿو. جيڪا سراسر زيادتي آهي. چاڪاڻ ته سواليه پيپر آهي ئي اميدوار جي لاءِ ۽ ان ڪي کڻڻ جو حق به اميدوار جو آهي. انهن ادارن ڪي گذارش آهي ته. سواليه پيپر اميدوارن ڪان واپس نه ورتا وڃن. ته جيئن هُو انهن پيپرن مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

روزاني ڪاوش 04 اپريل 2015ع


books.sindhsalamat.com

# اُستادن ڪي پگهارون ڇو نٿا ڏيو...؟

سنڌ حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جي جيڪڏهن ڳالهه ڪجي ته ڪلاڪن جو ڪم ڏينهن ۾، ڏينهن جو ڪم هفتن ۾، هفتن جو ڪم مهينن ۾، مهينن جو ڪم سالن ۾ ۽ سالن جو ڪم وري سڄي زندگيءَ ۾ ٿئي ٿو! ڳالهه اها آهي ته سنڌ حڪومت طرفان تعليم کاتي ۾ 20 هزار استادن جي خالي جاين لاءِ مئي 2012ع ۾ اشتهار ڏنو ويو. جنهن ڪان پوءِ جنوري 2013ع ۾ اين ٽي ايس ڪان ٽيسٽ وٺرائي وئي. ان ڪانپوءِ سنڌ حڪومت جي ڏڍائيءَ جي ڪري آهستي آهستي ڪري هر هڪ ضلعي ۾ اميدوارن ڪي آفر آرڊر ڏنا ويا. آفر آرڊر ڏيڻ ڪانپوءِ وري اميدوارَ دربدر ٿيندا رهيا ۽ احتجاج ڪندا رهيا ته اسان ڪي پوسٽنگ ۽ جوائننگ ڏيو. پوءِ آخرڪار اميدوارن ڪي جوائننگ به ملي وئي، هاڻي وري آهي باقي پگهار جو مسئلو. جنهن ڪي به تقريبًا سال پورو ٿي ويو آهي. اُستاد ته پنهنجون ڊيوٽيون صحيح نموني سرانجام ڏئي رهيا آهن پر انهن ڪي پوءِ به پگهار نه پئي ڏني وڃي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي، چاڪاڻ جو هاڻي اين ٽي ايس ٽيسٽ پاس استاد فاقا ڪشيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. سنڌ حڪومت ڪان گذارش آهي ته. پنهنجي انهيءَ سست رفتار ڪارڪردگيءَ ڪي وڌائي استادن ڪي پگهار ڏني وڃي، ته جيئن هُو فاقا ڪشيءَ واري زندگي گذارڻ ڪان بچي سگهن.

روزاني ڪاوش 09 اپريل 2015ع


www.sindhsalamat.com

# آبادگارن کي نہ اُجاڙيو!

جيڪا حالت سنڌ جي آبادگارن سان گذريل سال ۽ هلندڙ سال ۾ ٿي آهي، اها زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿي آهي. توڙي جو سنڌ جي معيشت جو تمام وڏو حصو زراعت سان لاڳاپيل آهي پر ان جي باوجود سنڌ جي آبادگارن سان ٿيندڙ ناانصافيون سمجهہ کان ٻاهر آهن. جڏهن ڪمند جي آبادگارن سان ناانصافيون ٿي رهيون هيون، تڏهن بہ آبادگارن دانهون ڪوڪون ڪيون، پر سندن ڪنهن بہ نہ ٻڌي. هن وقت بہ اسان کي هر پاسي کان آبادگارن جون دانهون ٻڌڻ ۾ اچن پيون. ڪڏهن سارين جو آبادگار سارين جو جائز اگهہ گهرڻ لاءِ روڊن تي احتجاج ڪندي نظر پيو اچي، تہ ڪڏهن ڦٽين جا آبادگار بہ ساڳيون ئي ڪوڪون ڪندي نظر اچن ٿا، تہ ڪڏهن وري ڪمند جا آبادگار شگر ملز مالڪن جي ناانصافين



تي ننڌڙڪا ٻٽيل رهن ٿا. اهڙي ناانصافين جي باوجود سنڌ جي آبادگارن همت نہ هاري ۽ انهيءَ آسري تي ويهي رهيا تہ اجا اهم فصل ڪڻڪ پوئتي آهي، پر بدقسمتيءَ سان سنڌ جي سردارن، پوتارن ۽ وڏيرن ساڳي پاليسي جاري رکي. ڪڻڪ جي آبادگارن کي بہ پيت سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هن وقت جڏهن ڪڻڪ جو فصل تيار ٿي ويو تہ سنڌ حڪومت جي اها ئي ڪارڪردگي رهي جو آبادگارن کي باردانو نہ پيو ملي، نہ ئي حڪومت پاران قائم ڪيل خريداري مرڪز صحيح اگهہ تي خريداري ڪري رهيا آهن. زراعت جي حوالي سان سنڌ سرڪار جي ٻٽي پاليسي اها آهي تہ، وڏن آبادگارن کي تہ ٿورو گهڻو فائدو ڏنو وڃي ٿو، پر ننڍو آبادگار مسلسل پريشانين ۾ مبتلا آهي. سنڌ جي حڪمرانن کي گذارش آهي تہ، اها ٻٽي پاليسي هاڻي ختم ٿيڻ گهرجي، چوتہ آبادگار پلي 10 جريبن وارو هجي يا وري 100 جريبن وارو يا وري 1000 جريبن وارو، سيني کي ساڳيا حق ملڻ گهرجن.

روزاني ڪاوش 16 اپريل 2015ع

# ڪاپي ڪلچر جي ”ڪوڙهه“ ۾ ورتل تعليمي نظام!

دنيا ۾ هر نئون ڏينهن گذريل ڏينهن کان بهتر هوندو آهي، پر اسان وٽ ان جي اُبتڙ هر نئون ڏينهن گذريل ڏينهن کان خراب هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته اسان ڪڏهن به بهتريءَ جو سوچيو ئي ناهي. سنڌ ۾ هر سال مئٽرڪ ۽ انٽر جي امتحانن ۾ اسان کي ڪاپي عام نظر ايندي آهي ۽ اسين هر سال اهو سوچيندا آهيون ته هن ڀيري ڪجهه نه ڪجهه ڪاپيءَ جو خاتمو اچي ويندو، پر ان جي باوجود اسان وٽ هر ڀيري ڪاپي ڪرڻ جا نوان نوان طريقا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سنڌ جي تعليمي بورڊ جي نگرانيءَ ۾ نائين ۽ ڏهين درجي جي امتحانن ۾ به اسان کي ساڳيا ئي ڪاپيءَ وارا طريقا ڏسڻ ۾ آيا ۽ انتظاميا جون سڀ دعوائون سچيون ثابت نه ٿي سگهيون. اسان اهي ئي ساڳيا منظر ڏٺاسين، جيڪي سدائين نظر ايندا آهن. امتحاني مرڪزن جي ٻاهران تمام وڏي تعداد ۾ ماڻهو نظر آيا، جيڪي پاڻ سان گڏ ڪاپيءَ جا ”ڪارتوس“ کڻي بيٺل نظر آيا ۽ اسڪول جي پٽيوالي کي ڪاپي جي ڪارتوس سان گڏ ڳاڙهو نوٽ ڏيندي نظر آيا. مطلب چوڻ جو ته اسان کي هر نئين ڏينهن بهتريءَ طرف قدم کڻڻو پوندو، نه ته پوءِ اهڙي قسم جا مرض اسان جي زندگيءَ ۾ وڌندا ويندا ۽ اسان جي ترقي ممڪن نه ٿيندي. بهرحال اهڙي صورتحال ۾ سنڌ ۾ بهتريءَ جي اميد آهي ته ٻبرن کان ٻير گهرڻ جي برابر، پر پوءِ به اسان جي اها ئي نماڻي گذارش ته انهيءَ ڪاپيءَ جي موذي مرض کي هميشه لاءِ ختم ڪري شاگردن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ ڏنو وڃي.

روزاني ڪاوش 19 اپريل 2015ع


books.sindhsalamat.com

# تعليم صرف نوڪريءَ لاءِ حاصل ناهي ڪبي!

اهي سوال پنهنجا جواب طلبين ٿا ته، آخر ڪهڙا سبب آهن جو اسان کي تعليم ايترو لاڀ نه ڏئي سگهي آهي. جيترو ڏيڻ گهرجي ها پر گهٽي غور ويچار ڪان پوءِ اسان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي آهي ته، اسان وٽ تعليم ته آهي پر اها معيارَ واري تعليم نه آهي، ڇاڪاڻ ته معياري تعليمَ ۾ اسان کي صرف اهو ڪونه پڙهايو ويندو آهي ته تون فلاڻي ڊگري وٺندين ته توکي فلاڻي نوڪري ملندي، فلاڻي ڊگري وٺندين ته تون سياستدان، سائنسدان، صدر، وزيراعظم، گورنر، ڊاڪٽر، انجنيئر، ٿيندين يا وري فلاڻي ڊگري نه وٺندين ته پوءِ تون ائين جو ائين ئي رهندين يا مال چاريندين، گاهه ڪندين، مزدوري ڪندين يا ته ڪا هلڪي ڦلڪي نوڪري پٽيوالي ڪندين، بلڪ ”ڪوالٽي ايجوڪيشن“ ۾ اهو پڙهايو ۽ سيکاريو ويندو آهي ته، تعليم صرف نوڪري ڪرڻ لاءِ نه هوندي آهي، پر تعليم توهان کي اُٿڻ، ويهڻ، اخلاق سيکارڻ، وڏن سان ڪهڙو رويو استعمال ڪجي، ننڍن سان ڪيئن شفقت ڪجي ۽ تعليم مان اهو صاف ظاهر ٿيندو آهي ته تعليم مان ڪهڙا فائدا آهن ۽ بغير تعليم جي ڪهڙا نقصان آهن. چوڻ جو مقصد اهو آهي ته اها تعليم اسان کي هاڻي ختم ڪرڻي پوندي ۽ معياري تعليم طرف قدم وڌائڻو پوندو.

روزاني ڪاوش 26 اپريل 2015ع


www.sindhsalamat.com

# ٽئڪس مٿان ٽئڪس!

خيرپور کان جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي گاڏيءَ تي ڪراچي طرف ويندو تہ گهٽ ۾ گهٽ 10 کان 15 جڳهن تي يعني 400 کان 500 رپيا ٽئڪس ادا ڪندو پر سوال اهو آهي تہ روڊن جي نالي تي اوڳاڙي ٿيندڙ اها ڳري رقم وڃي ڪيڏانهن ٿي؟ توڙي جو اها اوڳاڙي ٿيندڙ رقم انهن ئي روڊن جي مرمت لاءِ استعمال ڪرڻي هوندي آهي پر افسوس هتي اسان کي اهي ئي ساڳيا اُکڙيل روڊ نظر اچن ٿا. جنهن ملڪ ۾ عام ماڻهو ٻن ويلن جي مانيءَ لاءِ پريشان آهي، اُتي روزانو سرڪار پاران نوان نوان ٽئڪس متعارف ڪرائي غريب عوام کان ساهَ ڪٽڻ جو بہ حق کسيو ويو آهي. تازو خيرپور جي ضلعي انتظاميا پاران پنج گلا چوڪ تي جتي غريب ماڻهو پنهنجا ريڙها بيهاري ڪاروبار ڪندا هئا، انهن کان اها جڳهہ خالي ڪرائي اُتي پارڪنگ ناهي وئي آهي. ڏسجي تہ اهو ضلعي انتظاميا پاران سٺو قدم آهي جو پنج گلا چوڪ کان سيني بازارن طرف ويندڙ رستن کي لوهي پائيپن سان بند ڪيو ويو آهي ۽ ڪنهن کي بہ موٽر سائيڪل سميت بازار ۾ نہ پيو ڇڏيو وڃي پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ هاڻي ضلعي انتظاميا پاران مختلف جڳهين تي بينر لڳايا ويا آهن، جن تي لکيل آهي تہ هيءَ پارڪنگ موٽر سائيڪلن لاءِ ناهي وئي آهي ۽ تمام جلد انهيءَ پارڪنگ کي شروع ڪيو ويندو ۽ هر موٽر سائيڪل کان 10 رپيا في چارج ڪئي ويندي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ عام طرح عام ماڻهوئي موٽر سائيڪل تي شهر طرف ويندا آهن ۽ تقريبن عام لوڪل ماڻهو ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج کان ڏهہ چڪر شهر ڪم ڪار سان وڃن ٿا تنهن ڪري اسان جي ضلعي انتظاميہ کي گذارش آهي تہ، خدارا! غريب ماڻهوءَ کي وڌيڪ معاشي بدحاليءَ ڏانهن نہ ڌِڪيو وڃي.

روزاني ڪاوش 06 مئي 2015ع

# اعلان صرف فوٽو سيشن تائين محدود ڇو آهن؟

وزير بلديات جي هدايتن تي سنڌ کي سرسبز، شاداب ۽ آلودگيءَ کان پاڪ بڻائڻ لاءِ 23 فيبروري 2015ع کان سڄي سنڌ ۾ صفائي ۽ وڻڪاري مهم جي شروعات ڪئي وئي آهي ۽ انهيءَ مهم کي صاف، سرسبز ۽ پرامن سنڌ جو نالو ڏنو ويو. انهيءَ مهم ۾ سنڌ جي سمورن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ صفائي ڪرائڻ ۽ ڇهه لک ٻوٽا پوکرائي سنڌ کي سرسبز ۽ صاف بڻائڻ جا اشتهار ڇپرايا ويا. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته انهيءَ مهم کي 23 فيبروري تي شروع ته ڪيو ويو پر ان کي صرف فوٽو سيشن تائين محدود رکيو ويو ۽ صرف ضلعي هيڊ ڪوارٽرن ۾ تقريبون ڪوٺائي ڪنهن اسڪول يا ڪاليج ۾ چار پنج ٻوٽا پوکي فوٽو سيشن ڪرايا ويا. سرڪار جي انگن اکرن ۽ فائيلن موجب اها مهم اڃا هلي رهي آهي، نه صرف ايترو پر انهيءَ مهم ۾ اهو به چيو ويو ته هر هفتي جي پهرئين ڏينهن (سومر) تي لاڳاپيل ضلعي جا عملدار هر هڪ شهر ۽ ڳوٺ ۾ صفائيءَ جي حوالي سان کُليل ڪچهري ڪندا ۽ عوام جا مسئلا ٻڌندا پر بدقسمتيءَ سان اسان وٽ ڪير پڇڻ وارو نه آهي، ڪو ته هُجي اهڙو جيڪو پڇا ڪري ته ڪٿي ڪٿي کُلي ڪچهري تي آهي ۽ ڪٿي کُلي ڪچهري نه ٿي آهي. سنڌ حڪومت ۽ خاص طور تي وزير بلديات کي گذارش آهي ته اوهان جيڪا مهم شروع ڪئي هئي، ان جي جاچ به ڪري ڏسو ته واقعي اها مهم صاف، سرسبز ۽ پرامن سنڌ ڪامياب وئي آهي يا ڪامورن صرف ان کي ”فوٽو سيشن“ تائين محدود رکيو آهي!


books.sindhsalamat.com

# انساني سِرن مٿان لَٽڪندڙ خطرناڪ سائِن بورڊ!

اسان وٽ اڪثر ڪري سائن بورڊ صرف ايڊورٽائزمينٽ لاءِ لڳايا ويندا آهن، عام طرح سان اسان کي هوٽلن، خانگي اسپتالن، ڪپڙي جي دُڪانن، مختلف عمارتن ۽ ٻين خريداري مرڪزن تي سائن بورڊ نظر ايندا آهن ۽ سائن بورڊن تي اهو لکيل هوندو آهي ته اسان وٽ فلاڻي فلاڻي شئي موجود آهي يا وري ڊاڪٽرن جو تفصيل لکيل هوندو آهي ته هي ڊاڪٽر فلاڻي فلاڻي مرض جو اسپيشلسٽ آهي ۽ وقت به لکيل هوندو آهي ته هي ڊاڪٽر فلاڻي وقت کان فلاڻي وقت تائين هن ڪلينڪ ۾ ويهندو آهي يا وري خريداري مرڪزن جو به وقت لکيل هوندو آهي ته هي دوڪان هِنَ وقت کُلندو. هاڻي ڳالهه اها آهي ته جڏهن تيز هوائون لڳنديون آهن يا ڪو طوفان ايندو آهي ته اڪثر ڪري اهي سائن بورڊ ڪِري پوندا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ تمام گهڻو جاني ۽ مالي نقصان ٿيندو آهي. اسان جي گذارش آهي ته سائن بورڊن جي جڳهه تي ڪپڙي جا بينر، پينا فليڪس يا هٿ سان پنهنجي دُڪان تي ڪنهن پينٽر کان اهي اکر لکرايا وڃن، جيڪي سائن بورڊ تن تي لکيل آهن.

روزاني ڪاوش 16 مئي 2015ع


www.sindhsalamat.com

## بجليءَ جي لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جون اجايون دعوائون!

گذريل ڏهن سالن کان پاڪستان جو عوام بجليءَ جي شديد لوڊشيڊنگ کي منهن ڏئي رهيو آهي. اسان وٽ سيئي سياسي پارٽيون عوام کان ووٽ وٺڻ لاءِ وڏيون وڏيون دعوائون ته ڪنديون آهن. پر اجا تائين ملڪ مان توانائي بحران جو خاتمو اچي ناهي سگهيو. پاڪستان پيپلزپارٽي 2008ع جي اليڪشن ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪري پنهنجي حڪومت ناهي. پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت ٺهڻ شرط پاڻي ۽ بجلي وارو کاتو راجا پرويز اشرف جي حوالي ڪيو ويو. راجا پرويز اشرف پاران مختلف وقتن تي بجليءَ جي لوڊشيڊنگ جي خاتمي لاءِ ڪيترائي اعلان ڪيا ويا ته فلاڻي تاريخ تائين لوڊشيڊنگ جو مڪمل خاتمو اچي ويندو پر افسوس جو حڪومت جا پنج سال گذري ويا پر بجليءَ جي لوڊشيڊنگ جو خاتمو نه آيو. ان


books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ جڏهن 2013ع جي اليڪشن ٿي رهي هئي ته سيني پارٽين جا سربراهه وڏيون وڏيون هامون هڻي رهيا هئا. جن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جو هميشه لاءِ خاتمو به شامل هو. پر سيني پارٽين کان وڌيڪ نواز ليگ جا اڳواڻ تڪڙيون دعوائون ڪري رهيا هئا. ڪڏهن ميان نواز شريف چئي رهيو هو ته حڪومت ملڻ شرط ئي لوڊشيڊنگ جو خاتمو آڻي ڏيکاريندا سين. ته ڪڏهن شهباز شريف لاهور جي وچ چوڪ تي هٿ وارو پکو استعمال ڪندي ڇهن مهينن ۾ لوڊشيڊنگ جي خاتمي جا واعدا ڪري رهيو هو. جڏهن نواز حڪومت اچي وئي ته آهستي آهستي انهن کان به اهي واعدا وسرندا ويا. جيڪي انهن اليڪشن جي مهم ۾ ڪيا هئا. هاڻي اهو واعدو حڪومت جي مدي پوري ٿيڻ تائين يعني 2018ع تائين لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا موجوده حڪومت واقعي 2018ع تائين لوڊشيڊنگ جو خاتمو آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندي؟ حالت ايتري خراب ٿي وئي آهي جو شهرن ۾ 12 کان 16 ڪلاڪ تائين جي لوڊشيڊنگ ۽ ٻهراڙين ۾ 22 ڪلاڪ جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته لوڊشيڊنگ جي معاملي کي سنجيدگيءَ سان ورتو وڃي ۽ تمام جلد لوڊشيڊنگ جو هميشه لاءِ خاتمو آڻي عوام کي سڪون فراهم ڪيو وڃي.

روزاني ڪاوش 18 مئي 2015ع


www.sindhsalamat.com

## روڊن مٿان ڪوٽائي ۽ ڪوٽائيءَ مٿان روڊَ!

اڪثر ڪري سنڌ ۾ هڪ ته روڊ ٺهن ڪونه، پر جيڪڏهن ٺهن ته اهي ناقص ڪم جي ڪري فائديمند نه ٿين. ڪاغذي ڪاروائي چيڪ ڪئي وڃي ته ان ۾ سنڌ جا سيئي روڊ شايد ٺهيل به هجن پر حقيقت ۾ جيڪڏهن پنهنجين اکين سان اُهي روڊ ڏسبا ته ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين روڊن جي خراب صورتحال نظر ايندي. جنهن روڊَ جي آئون ڳالهه ڪرڻ چاهيان ٿو اُهو آهي خيرپور جو ڪچهري روڊ، جتي جي صورتحال تمام مختلف آهي. هن روڊ جي حالت اها آهي ته هي روڊ ٺهندو به جلدي آهي ۽ ڊهندو به جلدي آهي. وڏي ڳالهه اها آهي ته هي روڊ پاڻ ڪونه ڊهندو آهي پر هن روڊ کي انتظاميه پاڻ ڊاهيندي آهي. ڪوٽائيءَ جي صورت ۾ هن روڊ سان مسئلو اهو آهي ته جنهن وقت هي روڊ ٺهندو آهي ته ڪنهن کي به اها يادگيري ڪونه ايندي آهي ته پهرين هن روڊ جو ڊرينيج جو نظام ٺيڪ ڪجي يا وري روڊ ٺهڻ کان پهرين واٽر سپلاءِ جا پائيپ يا پيو ڪجهه جيڪو ان روڊ تان گذرندو هجي، ان کي ٺيڪ ڪجي پر بدقسمتيءَ سان جڏهن روڊ ٺهي ويندو آهي ته فورن مهيني يا ٻن مهينن ڪانپوءِ ان روڊ جي ڪوٽائي شروع ٿيندي آهي ۽ خبر پوندي آهي ته ڊرينيج جو نظام ٺيڪ ڪرڻو آهي، ان لاءِ ڪوٽائي پئي ٿئي، جيئن ڪوٽائيءَ کان پوءِ ڊرينيج جو نظام ٺيڪ ٿيندو آهي ته فورن وري اهو روڊ ٺهڻ شروع ٿيندو آهي ۽ اهو سلسلو ائين ئي پيو هلندو آهي. روڊن مٿان ڪوٽائي ۽ ڪوٽائي مٿان روڊ ٺهڻ جو عمل ائين جاري رهندو آهي. انهيءَ سان عوام کي تمام گهڻين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. وقت جي حڪمرانن کي گذارش آهي ته اهڙا ڄڳاڙي ڪَمَ ڪندڙن کي سخت سزا ڏني وڃي ته جيئن روڊن جو پئسو صحيح معنيٰ ۾ خرچ ٿي سگهي.

روزاني ڪاوش 23 مئي 2015ع

# مال جا واڙا رهائشي ڪالونين کان الڳ ڇو نه ٿا هجن؟

دنيا جي ڪيترن ئي سڌريل ملڪن ۾ مال جا واڙا رهائشي ڪالونين کان الڳ قائم ڪيا ويندا آهن. ڇاڪاڻ ته رهائشي جڳهين تي جيڪڏهن چوپايو مال بيٺل هوندو ته ان سان تمام گهڻي گدلاڻ ٿئي ٿي ۽ انهيءَ گدلاڻ جي ڪري ڪافي ساريون بيماريون به جنم وٺن ٿيون پر بدقسمتيءَ سان اسان وٽ سنڌ ۾ انهيءَ مسئلي کي سنجيدگيءَ سان نٿو ورتو وڃي. رهائشي ڪالونين ۾ مال جا واڙا قائم ڪرڻ سان اتان جي رهواسين کي تمام گهڻي پريشانين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، هڪ ته چوپائي مال جي ٻاهر نڪرڻ وقت گهٽين ۽ روڊن تي ڇيڻا لاهڻ جي ڪري به تمام گهڻي گندگي ٿئي ٿي، ڪٿي ڪٿي ته گهرن جي درن تي به ڇيڻا لٿل هوندا آهن، اڪثر ڪري ڌنارَ چوپائي مال کي ائين ئي ڇڏي ڏيندا آهن، پوءِ اهو مال ڪڏهن ڪنهن جي گاڏيءَ سان ٽڪرائبو آهي ته ڪڏهن ٻار ئي کو زيان ڪندو آهي. انهن سڀني ڳالهين کي مدنظر رکندي اسان جي هر ضلعي جي انتظاميه کي گذارش آهي ته مال جي واڙن کي رهائشي ڪالونين کان الڳ ڪيو وڃي ته جيئن چوپائي مال جي ڪري پيدا ٿيندڙ بيمارين ۽ ٻين پريشانين کان بچي سگهجي.

روزاني ڪاوش 27 مئي 2015ع




books.sindhsalamat.com


# چونڊيل نمائندا ڪيڏانهن ويا.....؟

اڄ جي جديد دور ۾ جتي ٽيڪنالاجي ڏينهون ڏينهن تمام گهڻي ترقي ڪندي وڃي، اُتي سنڌ ٻُنيادي سهولتن کان به محروم آهي، بنيادي سهولتن جي کوٽ جي ڪري اڪثر ماڻهو پاڻ کي اڌورو محسوس ڪندا آهن. اڄڪلهه جي دور ۾ ناليون تمام وڏي اهميت رکن ٿيون، ڇاڪاڻ ته ڊرينيج جي نالين جي نه هجڻ ڪري اتان جي رهواسين کي تمام گهڻين پريشانين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، خاص ڪري برساتن ۾ اتان جي رهواسين جو پاڻي نيڪال نه ٿيڻ جي ڪري ٻه ٽي ڏينهن گهمڻ ڦرڻ به محال هوندو آهي. انهيءَ بنيادي سهولت کان جتي سنڌ جا ٻيا ڪيترائي شهر ۽ ڳوٺ محروم آهن، اتي منهنجو اباڻو ڳوٺ ڪمال ديرو به محروم آهي. منهنجي تَڪَ جي چونڊيل نمائندن ۽ ضلعي انتظاميه کي گذارش آهي ته، ماڻهن کي بنيادي سهولتن کان محروم نه ڪيو وڃي.




www.sindhsalamat.com

## اصل ڳالهه ڪارڪردگيءَ جي آهي!

هونئن ته خيرپور ۾ ايس ايس پي جي بدلي ۽ مقرري ڪا نئين ڳالهه نه آهي پر ٻن ٽن ڏهاڪن کان بدامني جي لهر حوالي ٿيل خيرپور جو عوام ان وقت مرڪي پيو هو. جڏهن خيرپور جي نگريءَ ۾ بدامني ڪرائينڊز عناصرن کي ڪٿي به زمين تي جڳهه ڪونه پئي ملي ۽ خيرپور جا رهواسي بغير ڪنهن خوف جي رات جي پهر ۾ به آرام سان گهمي ڦري سگهن پيا. جڏهن عوام جي دلين ۾ ايس ايس پي ناصر آفتاب پنهنجي محنت سان جڳهه ٺاهي ته ان ايس ايس پي کي خيرپور مان بدلي ڪيو ويو. سوال اهو آهي ته خيرپور جي عوام جي راءِ کي ڇونه ٿو ڏنو وڃي؟ جو هتي جا ماڻهو بدامنيءَ مان ايترا بيزار آهن جو هاڻي هو اهڙا آفيسر چاهين ٿا، جيڪي انهن کي حقيقي معنيٰ ۾ امن وارو ماحول مهيا ڪري ڏئي سگهن.

روزاني ڪاوش 11 جون 2015ع



## چهرا نه بدلايو، ڪارڪردگي سُڌاريو!

سنڌ حڪومت پاران ڪجهه ڏينهن پهرين بيورو ڪريسيءَ ۾ تمام وڏيون تبديليون ڪرڻ ڪانپوءِ تازو ئي وزيرن جا به ڪاتا تبديل ڪيا ويا آهن. خبر ناهي پ پ سرڪار تي اهڙو ڪنهن جو دٻاءُ آهي جو تڪڙ تڪڙ ۾ اهڙا فيصلا ٿين ٿا ڇاڪاڻ ته گذريل اٺن سالن کان پ پ سرڪار سنڌ ۾ لاڳيتو حڪومت ڪري رهي آهي ۽ اهڙا تڪڙا فيصلا اڳ ۾ ته ڪڏهن ڪونه ڏٺا آهن. بهرحال دٻاءُ ڪنهن جو به هُجي اها ته سنڌ سرڪار کي ئي خبر هوندي باقي "جڳاڙ" ڪرڻ ۾ ته هونئن به سياستدان تمام گهڻا هوشيار هوندا آهن. ان ڪري هاڻي به ڪنهن وزير کي ڪا سزا ڪونه ڏني وئي آهي يا وري ڪنهن کي وزارت تان ڪونه لاٿو ويو آهي. بس فرق ايترو ٿيو آهي ته ڪجهه وزيرن جا ڪاتا مٽايا ويا آهن ۽ انهن کي ٻيا قلمدان سونپيا ويا آهن. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته سنڌ سرڪار جي انهيءَ فيصلي سان ڪجهه سنڌ جي حالتن تي فرق پوندو؟ ڇا نئين تعليم جي وزير کي تعليم کاتي جو قلمدان ملڻ سان سنڌ جا بند پيل اسڪول کُلي ويندا؟ اين ٽي ايس پاس استادن کي پگهار ملي سگهندي يا وري پرائيويٽ اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائي ويندي؟ ۽ ڇا اهڙا ڪارناما پنهنجن پنهنجن کاتن ۾ ٻيا وزير صاحبان به سرانجام ڏئي سگهندا؟

روزاني ڪاوش 25 جولاءِ 2015ع

# برساتن بعد حڪومت جي وائکي ٿيل پَٽ

گذريل ڪجھ ڏينهن کان سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ مون سون جون برساتون هلي رهيون آهن. برسات تہ رحمت آهي پر سرڪار جي نااهليءَ جي ڪري اها رحمت بجاءِ زحمت بڻجي وڃي ٿي. ڇا اها سرڪار کي خبر ناهي تہ برساتن جي ڪري شهرن يا ڳوٺن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلاتون پيش اچي سگهن ٿيون، جو انهن کي حل ڪرڻ سان اُتان جا رهواسي سڪون سان رهي سگهندا. روڊن ۽ نالين جي صورتحال اسان وٽ اهڙي آهي جو معمولي برسات جو پاڻي بہ روڊن تي بيٺل هُوندو آهي ۽ نالين جي حالت تہ وري ايتري سڌريل آهي جو نالين جو پاڻي گهرن ۾ ڪاهي پيو آهي. پوءِ نتيجو اهو ٿو نڪري تہ جتي ڪو اثر رسوخ وارو ماڻهو آهي، ان جي علائقي مان پاڻي نيڪال ڪرايو ٿو وڃي، باقي حد اها آهي تہ ٻين جڳهين تي بہ ٽي ڏينهن اهو پاڻي بيٺل هوندو آهي ۽ اتان جي رهواسين کي جن پريشانين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، اهو تہ ڪير انهن کان پڇي ڏسي، باقي سنڌيءَ جي اها چوڻي بلڪل صحيح آهي، جاءِ اها سڙي جتي باھ لڳي!

روزاني ڪاوش 01 اگسٽ 2015ع



# ٻارڙن جي صفحي جي ضرورت

انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ ڪاوش شروع کان وٺي مظلومن جو سَگهارو آواز بڻي آهي، ڪالاباغ ڊيم ۽ ٻئي مڪاني نظام جهڙا وڏا وڏا انيڪ مسئلا ڪاوش طرفان کنيا ويا، ان سان گڏ ڪافي سارن ننڍن مسئلن، جن کي ٻيو ڪير ڪنگهندو بہ ناهي، انهن کي بہ ڪاوش ڪڻندي آهي. اسپتالن ۾ سهولتن جي اڻهوند هجي، اسڪولن ۾ مال جا واڙا هُجن، آبادگارن سان زيادتيون هُجن يا وري سنڌ جي حقن تي ڌاڙو هُجي. سنڌ کي وفاق کان جائز حق نہ ملن يا ٿر ۾ غذائي کوٽ جي ڪري ٻارَ مري وڃن. ڪاوش هر هڪ سان پاڻ ملهايو آهي. آخر ۾ تجويز ڏيڻ چاهيان ٿو تہ ڪاوش پاران هفتي ۾ هڪ پيرو ٻارن جو صفحو شايع ڪيو وڃي، تہ جيئن ٻارَ بہ ڪاوش جو حصو ٿي سگهن.

روزاني ڪاوش 03 اگسٽ 2015ع

# بيروزگارن جي ڦٽن تي لُوڻ نه ٻُرڪيو!

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ روزگار جا موقعا نه هُئڻ برابر آهن پر جيڪي روزگار جا موقعا آهن، اُهي به سياستدانن جي رحم ڪرم سان پنهنجا نوازيءَ واري پاليسيءَ تحت من پسند ماڻهن کي ڏنا پيا وڃن. بيروزگاريءَ جي ڪري جتي ڪيترائي ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن، اُتي ٿي سرڪار بيروزگارن جي ڦَٽن تي لُوڻ ٻرڪي رهي آهي. تازو فاريسٽ ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ پاران مختلف آسامين لاءِ ڏنل اشتهار نظرن مان گذريو، جنهن ۾ افسوس ۽ ڏک جي ڳالهه اها آهي ته گريڊ 1 کان وٺي گريڊ 14 تائين لاءِ هڪ هزار رپين جو چالان گهريو ويو آهي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جتي ميرٽ جو فقدان هجي يا اهل نوجوانن جا حق غضب ٿين، اُتي بيروزگار ماڻهن کان گريڊ هڪ واري نوڪريءَ لاءِ به هزار رپين جو چالان وٺڻ بيروزگارن جي ڦٽن تي لُوڻ ٻرڪڻ برابر آهي. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جڏهن به نوڪرين لاءِ اشتهار ڏنو وڃي ته ڪنهن ساک واري اداري جي ماتحت ڏنو وڃي ۽ چالان جي رقم گهٽ ۾ گهٽ رکي وڃي ته جيئن هر عام ماڻهو به فارم ڀري سگهي.



books.sindhsalamat.com


# يونيورسٽين جي داخلا پاليسي تبديل ڪرڻ جي ضرورت

سنڌ ۾ ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽين سان گڏ انهن جي ماتحت به ڪيترائي ڪئمپس ۽ ڪاليج آهن. سنڌ جا شاگرد انٽرميڊيئيٽ ڪانپوءِ انجنيئرنگ وارا انجنيئرنگ يونيورسٽين ۾ ۽ ميڊيڪل وارا ميڊيڪل يونيورسٽين ۾ پنهنجي داخلا لاءِ زور آزمائي ڪندا آهن پر هن وقت جيڪا ڳالهه آئون سيني تائين پهچائڻ گهران ٿو اُها اِها آهي ته داخلا جي پاليسيءَ کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هاڻي ٿئي ائين ٿو ته هن وقت جيڪا داخلا پاليسي آهي، ان ۾ مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جي مارڪن کي به شامل ڪيو ٿو وڃي، يعني مئٽرڪ ۽ انٽر جي مارڪن جو اهم ڪردار آهي. هونئن جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اها پاليسي غلط نه آهي پر ڪافي سالن کان سنڌ جي سيني بورڊن ۾ مارڪن، گريڊن ۽ پوزيشن پئسن جي عيوض ڪپائڻ جو ڪڌو ڪاروبار هلي رهيو آهي، جنهن جي ڪري محنتي شاگردن جي حقن مٿان ڌاڙو لڳي رهيو آهي. ان ڪري گذارش اها آهي ته داخلا جو سڄي جو سڄو مدار انٽري ٽيسٽ تي رکيو وڃي، ته جيئن محنتي شاگرد پنهنجي محنت سان ڊاڪٽر ۽ انجنيئر ٿي سگهن.

روزاني ڪاوش 25 آگسٽ 2015 ع



www.sindhsalamat.com

# سُکل وڻ ڪَٽرائي، اُتي نوان وَڻ لڳايو!

هونئن ته وڻن جو عام زندگيءَ سان تمام گهرو تعلق آهي. وڻن جي ڪري ماڻهن کي ٺڌڪار ملي ٿي ۽ ان سان گڏ وڻن مان آڪسيجن به حاصل ٿئي ٿي، جنهن جي ذريعي اسان ساهه کڻون ٿا. سنڌ ۾ وڻن جي ڪوٽ ته تمام گهٽي آهي، پر ان سان گڏ ڪافي رستن سان يا وري شاخن جي ڪپرن تي ڪافي سارا سکل وڻ بيٺل نظر اچن ٿا. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سکل وڻ ڪٽرائي ان مان ناڻو ڪمائي ۽ ان مان ئي نوان وڻ پوکرايا وڃن ته جيئن سنڌ ۾ ساوڪ ئي ساوڪ ۽ بهار ئي بهار هجي.

روزاني ڪاوش 31 آگسٽ 2015 ع


books.sindhsalamat.com

# پنهنجي حصي جي ذميواري محسوس ڪرڻ گهرجي

اسان ڏسون ٿا ته ڊرائيونگ ڪرڻ وقت اسان کي ڪجهه ڳالهين لاءِ پابندي آهي ته ان ڪانسواءِ توهان ڊرائيونگ نٿا ڪري سگهو. مثال طور باءِ پاس تي جيڪڏهن موٽر سائيڪل جي ڊرائيونگ آهي ته ان لاءِ هيلمٽ ضروري آهي ۽ وڏين گاڏين يعني چئن ڦيٿن واري گاڏين لاءِ بيلٽ ضروري آهي ته پوءِ اسان ڇا ڪندا آهيون ته جڏهن موٽروي وارا نظر ايندا آهن، ان وقت ئي هيلمٽ پائيندا ۽ بيلٽ ٻڌندا آهيون. اهي گذري ويندا ته وري بيلٽ کولي ڇڏينداسين. اهڙي طرح اسان کي اهڙي صورتحال اپنائڻ نه گهرجي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اسان تي اهي شيون لازمي آهن ته اُهي اسين ٻئي جي خوف کان نه پايون. بلڪ پنهنجي حفاظت لاءِ موٽروي وارن جي غير موجودگيءَ ۾ به اها عادت اپنائڻ گهرجي، يا وري ڪافي اسان جا رستا اهڙا هوندا آهن، جيڪي هڪ طرفا هوندا آهن جن کي ون وي چئبو آهي. انهن تي پابندي هوندي آهي ته هن طرف کان گذرڻ منع آهي، ان جي باوجود به اسان اتان ٽرئفڪ پوليس جي غير موجودگيءَ ۾ گذري ويندا آهيون. جڏهن وري ٽرئفڪ وارا ايندا آهن ته پوءِ اتان نه گذرندا آهيون. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته جيستائين اسان پنهنجي پنهنجي حصي جي ذميواري محسوس نه ڪنداسين تيستائين ڪوبه سڌارو نه ايندو.

روزاني ڪاوش 02 سيپٽمبر 2015 ع


www.sindhsalamat.com

# نساسڪ جي ناڪارا ڪارڪردگي

گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ جا ڪجهه شهر صفائيءَ جي حوالي سان نساسڪ جي حوالي ٿيل آهن پر شروع کان وٺي نساسڪ جي ڪارڪردگي مطمئن ڪندڙ نه رهي آهي، ان جي باوجود هر سال ڪروڙين رُپيا صفائي جي حوالي سان نساسڪ لاءِ مختص ڪيا ويندا آهن. مان جيڪڏهن صرف خيرپور شهر جي ڳالهه ڪريان ته سنڌ جي وڏي وزير جو هي شهر توهان کي ٻوڏ جهڙو ڏيک ڏيندو، ڪيترين ئي ڪالونين ۾ ناليون اُٿليل نظر اينديون ۽ گندگيءَ جا ڍير نظر ايندا. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ادارا پنهنجو ڪم ايمانداريءَ سان ڪن، ته جيئن سنڌ جا شهر گندگين جي حوالي نه ٿين ۽ جيڪي ادارا پنهنجي ڪم ۾ ڪا ڪوتاهي ڪن ٿا، نااهلي ڪن ٿا، انهن ادارن کان حڪومت سخت پڇاڻو ڪري، ته جيئن عوام جي سهولت لاءِ جوڙيل ادارا عوام لاءِ فائديمند بڻجي سگهن.

**روزاني ڪاوش 19 سيپٽمبر 2015ع**



# بلدياتي چونڊن ۾ ”نَواڻ“ ڪهڙي آهي؟

وڏي وقت کان پوءِ سنڌ ۾ بلدياتي اليڪشن ٿي رهي آهي. پهرئين مرحلي ۾ سنڌ جي ٻن ڊويزنن لاڙڪاڻي ۽ سکر تي مشتمل اٺن ضلعن ۾ اليڪشن ٿي رهي آهي. هن وقت سنڌ ۾ بلدياتي چونڊن جي حوالي سان تياريون زور شور سان جاري آهن. بلدياتي چونڊن جي حوالي سان پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي چيئرمين جا مختلف وقتن تي مختلف اعلان سامهون آيا آهن، انهن مان هڪ اعلان اهو به هو ته، بلدياتي چونڊن ۾ ٽڪيٽون ڪنهن ايم پي اي يا ايم اين اي جي رشتيدارن کي نه ڏنيون وينديون، بلڪ اهي ٽڪيٽون پارٽي ڪارڪنن کي ڏنيون وينديون. بدقسمتيءَ سان پ پ چيئرمين جا اهي اعلان صرف اعلان ئي ڏسڻ ۾ ٿا اچن! چاڪاڻ ته ٽڪيٽون وري به ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز جي رشتيدارن کي ملي رهيون آهن. جتي پ پ مڪاني ادارن جي چونڊن لاءِ پنهنجا اُميدوار ميدان ۾ لاهڻ لاءِ تيار آهي، اُتي ئي ٻين سياسي پارٽين سان گڏ آزاد اميدوار پڻ سَندرو ٻڌڻ لاءِ تيار بيٺا آهن. اها تمام سٺي ڳالهه آهي ته هن ڀيري اسان کي آزاد اميدوار تمام گهڻا پرجوش نظر اچن پيا. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڪير ٿو ڪنهن کي سياست جي اها ”مَلهَه“ ماري!

**روزاني ڪاوش 07 آڪٽوبر 2015ع**

# سنڌ جي سرڪاري اسپتالن جي وائکي ٿيل پَٽ

صحت ڪاتي جي صورتحال بہ تعليم ڪاتي وانگر مطمئن ڪندڙ نہ رهي آهي ۽ مختلق وقتن تي سرڪاري اسپتالن جي ڪارڪردگيءَ تي آڱريون کڄنديون رهيون آهن پر ان جي باوجود بہ اسپتالن جي بهتريءَ لاءِ ڪي قدم نہ کنيا ويا آهن. سرڪاري اسپتالن جي پٽ ان وقت گهٽي وائکي ٿي، جڏهن هلندڙ سالَ جي پهرئين ئي مهيني جنوري ۾ شڪارپور جي هڪ امام بارگاهہ ۾ جمعي نماز جي ادائگي وقت ڌماڪو ٿيو، جنهن ۾ درجنين ماڻهو شهيد ۽ زخمي ٿيا هئا. ان وقت شڪارپور جي ضلعي اسپتال جي صورتحال ايتري تہ خراب هئي جو زخمي ٿيل ماڻهو سهولت نہ ملڻ جي ڪري فوت ٿيا. ايتري قدر جو



شڪارپور جي اسپتال ۾ ڪيترائي ماڻهو انسانيت ۽ همدرديءَ جي ناتي اُتي رَت ڏيڻ لاءِ پهتا پر افسوس جو مقام اهو هو تہ اُتي ڪير بہ رَت ڪڍڻ وارو نہ هو، اهڙي صورتحال ۾ زخمين کي پنهنجا مائٽ خانگي اسپتالن ۾ ٻين شهرن ڏانهن کڻائي ويا. بهرحال ان ايڏي وڏي سانحي جي باوجود سنڌ حڪومت اسپتالن جي خراب صورتحال ۾ ڪا بہ بهتري نہ آندي آهي، جنهن جو مثال تازو جيڪب آباد ۾ ٿيل بم ڌماڪي کان پوءِ واري صورتحال بہ ساڳي شڪارپور واري ئي نظر آهي. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل ٻئي اسپتالون ضلعي جي حيثيت رکن ٿيون ۽ جيڪڏهن ضلعي جي اسپتالن جي صورتحال اها آهي تہ پوءِ باقي سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي صورتحال سمجهڻ لاءِ ڪنهن راڪيٽ سائنس جي ضرورت نہ آهي!

روزاني ڪاوش 29 آڪٽوبر 2015ع

# پيدائش کان اڳ ئي طئي ٿيندڙ نياڻين جا نصيب!

کافي سالن کان سنڌ ۾ ڪارو ڪاريءَ جي نالي تي پنهنجن پيارن کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو آهي، نياڻين کي سڱ چٽيءَ ۾ ڏيڻ، چند ٽڪن جي عيوض انهن کي وڪرو ڪرڻ جهڙيون رسمون هلنديون آيون آهن، جيتوڻيڪ ڪارو ڪاري، سَڱ چٽي، پئسن تي نياڻين کي وڪڻڻ جهڙو ڪاروبار ڪافي حد تائين رُڪجي ته ويو آهي، پر اتي ئي اڃا هڪ ڪڏي رسم ”پيٽ لکي“ ڏيڻ واري اڃا به جاري آهي، پيٽ لکي ڏيڻ ان کي چيو ٿو وڃي ته جنهن ڌُر کي نياڻيءَ جو سَڱ ڏنو ٿو وڃي، اها ڌُر ايندڙ وقت ۾ جيڪڏهن نياڻيءَ جو اولاد ٿيو ته اهو اُن ئي ڌُر کي سڱ جي صورت ۾ ڏنو وڃي ٿو، دراصل ٻنهي ڌُرين جي رضامنديءَ سان اهو ڪڏو عمل ٿئي ٿو، جنهن جي ڪري ميڊيا تي به رپورٽ ڪونه ٿو ٿئي، جنهن جي ڪري اڳتي هلي ان رضامنديءَ تي ڪا هڪ ڌر عمل نه ٿي ڪري، يا ان فيصلي تان ڦِري ٿي ته پوءِ اهي ٻئي ڌريون خوني جهيڙي جي شروعات ڪن ٿيون ۽ ڳالهه الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهچي ٿي، نتيجي ۾ پوءِ تمام گهڻي جاني ۽ مالي نقصان کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن ڪڏين رسمن کي هاڻي روڪڻ گهرجي ته جيئن سنڌ پنهنجو امن ۽ خوشحاليءَ وارو پيغام برقرار رکي سگهي.

روزاني ڪاوش 27 جنوري 2016ع



# ڪرپشن رُڳو سيمينار ڪرائڻ سان ختم نه ٿيندي!

ڪرپشن اهو ناسور آهي، جيڪو اسان جي ملڪ کي اُڏوهيءَ جيان ڪائي رهيو آهي، ڪرپشن هڪ رُپئي جي هُجي يا هڪ ڪروڙ جي يا اُن کان مٿي هُجي، سڀئي ڪرپشن جي زمري ۾ اچن ٿا. ڪرپشن کي روڪڻ لاءِ اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن پر بدقسمتيءَ سان جهڙي نموني سان انهن ادارن کي ڪم ڪرڻ گهرجي ها، اهڙي نموني سان ڪم نه ڪري رهيا آهن. مثال طور ڪنهن ڌُر هڪ ڪروڙ رُپين جي ڪرپشن ڪئي آهي، انهيءَ تي ڪو هڪ ادارو جاچ ڪري رهيو آهي ته واقعي ان ڌر ڪرپشن ڪئي به آهي يا نه؟ نتيجي ۾ اهو جاچ ڪندڙ ادارو ان ڌر سان ”ڏي وٺ“ ڪري ٿو ته اوهان هڪ ڪروڙ جي ڪرپشن ڪئي آهي، هاڻي اڌ اوهان ڪائو ۽ اڌ اسان کي ڪارايو! ائين

ڪرپشن کي تقويت ملي ٿي. حالانڪ ٿيڻ ته ائين گھرجي ها ته ان کان سموري رقم واپس ڪرائي ان تي ڏنڊ ۽ سزا لڳائي وڃي ها ته جيئن ڪير به ٻيهر ڪرپشن ڪرڻ جي جرئت نه ڪري ها. ٻيو اڄڪلھ پاڪستان جا سڀئي شعبا Say no to corruption جي نعري تحت ڪم ڪري رهيا آهن ۽ مختلف وقتن تي ڪرپشن جي خلاف سيمينار به ڪرائي رهيا آهن. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته صرف ڪرپشن کي ”نه“ چوڻ سان ختم ڪونه ٿيندي ۽ نه وري سيمينار ڪرائڻ سان ختم ٿيندي. ڇاڪاڻ ته سيمينار اتي ڪرايا ويندا آهن. جتي عام ماڻهوءَ کي ڪنهن مرض بابت ڄاڻ نه هجي. باقي هتي ڪرپشن ڪن به پاڻ ۽ سيمينار به پاڻ ڪرائين ته پوءِ اهڙي قسم جا سيمينار وقت جي زيان کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ناهن. تنهن ڪري چيڪ اينڊ بئلنس تي خاص توجھ ڏني وڃي.

روزاني ڪاوش 21 فيبروري 2016ع



## چوپائي مال جا واڙا شهر کان ٻاهر مُنتقل ڪريو

چوپائي مال جا واڙا دُنيا جي ڪيترن ئي سڌريل ملڪن ۾ رهائشي ڪالونين کان الڳ ٺاهيا وڃن ٿا. هونئن ته سنڌ جي وڏن شهرن ۾ به ڪافي سالن کان مال جي واڙن لاءِ ڪيٽل ڪالونين جو قيام عمل ۾ آنديو ويو آهي. اُتي سنڌ جي وڏي وزير جي اباڻي شهر خيرپور ۾ به ڪيٽل ڪالوني ٺاهي وئي آهي. جيتوڻيڪ ڪيٽل ڪالوني جي خيرپور واسين کي هن وقت تمام گھڻي ضرورت هئي. ڇاڪاڻ ته رهائشي ڪالونين ۾ مال جي واڙن جو هجڻ تمام خطرناڪ ۽ نقصانڪار هو. مثال طور گدلاڻ پيدا ٿيڻ. گدلاڻ جي ڪري بيماريون پيدا ٿيڻ. مال جي اچ وڃ جي ڪري ٽرئفڪ وڏي وڃڻ جهڙا انيڪ مسئلا ٿيندا رهندا آهن. اتي افسوس جي ڳالھ اها آهي ته جڏهن خيرپور ۾ ڪيٽل ڪالوني ٺاهي وئي آهي. اتي مال جا واڙا منتقل ڇونه ٿا ڪيا وڃن. ڪافي پيرا اسان ڏٺو آهي ته مال جي واڙن جي مالڪن ڏانهن سرڪار طرفان يعني ضلعي انتظاميا طرفان نوٽيس موڪليا ويا آهن ته پنهنجا مال جا واڙا ڪيٽل ڪالوني ڏانهن منتقل ڪيا وڃن. پر هن مهل تائين ڪوبه واڙو ڪيٽل ڪالوني ڏانهن منتقل نه ٿيو آهي. جنهن مان صاف ظاهر آهي ته يا ته واڙن جا مالڪ اثر رسوخ وارا آهن. يا وري سرڪاري جي دلچسپي ناهي. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته سرڪار پنهنجي ذميواريءَ کان غافل نه ٿئي ۽ ان تي عمل ڪرائي رهواسين کي سڪون فراهم ڪري.

روزاني ڪاوش 10 اپريل 2016ع

# صحت کاتو تہ غريبن لاءِ ملندڙ مچرداني بہ ڳڙڪائي ويو

سنڌ سرڪار جو صحت کاتو گهڻي وقت کان پي پي ايڇ آءِ جي حوالي ٿيل آهي، سنڌ جي سمورين سرڪاري اسپتالن کي دوائون بہ پي پي ايڇ آءِ فراهم ڪندي آهي ۽ گهڻي ڀاڱي ڊاڪٽر بہ پي پي ايڇ آءِ جا مقرر ٿيل آهن. ڊاڪٽرن جو اسپتال ۾ نہ هُجڻ، مريضن سان اڏنگو رويو اختيار ڪرڻ يا دوائون مريضن کي نہ ملڻ جهڙيون شڪايتون تہ روز ٻڌڻ ۾ اينديون آهن، جڏهن تہ صحت کاتي پاران غريب عوام لاءِ مڇرن جي آزار کان بچڻ لاءِ مفت مڇردانيون پي پي ايڇ آءِ ۽ ضلعي جي هيلٿ آفيسر کي ڏنيون ويون آهن تہ اُهي سنڌ جي غريب عوام ۾ ورهائي اچن، پر بدقسمتيءَ سان اهي مڇردانيون غريب عوام کي ملن ئي ڪونہ ٿيون، اُهي مڇردانيون لاڳاپيل عملدار پئسن عيوض دُڪاندارن کي وڪرو ڪري اچن ٿا ۽ اهي ئي مڇردانيون غريب عوام انهن دوڪانن تان 200 کان 500 رُپين جي قيمت ۾ وٺي ٿو، تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اهو ڪڌو عمل ڪندڙ عملدارن جو احتساب ڪيو وڃي تہ جيئن غريب عوام لاءِ آيل مڇردانيون انهن ئي غريبن کي ملي سگهن.

روزاني ڪاوش 13 اپريل 2016ع



# خيرپور ۾ سنگل روڊ تان ٽول ٽئڪس جي اوڳاڙي ختم ڪرايو!

خيرپور کي لاڙڪاڻي سان ڳنڍڻ لاءِ سنڌو درياهہ جي مٿان پل ٺاهي وئي آهي. پل جي ٻنهي پاسن کان سنگل روڊ ٺاهيو ويو، جنهن تي گذريل ٻن ٽن سالن کان اتان گذرندڙ گاڏين کان ٽول ٽئڪس اوڳاڙيو پيو وڃي. ان ٽول ٽئڪس لڳائڻ سان عوام ۾ ڪافي بيچيني پيدا ٿي آهي. هڪ تہ ڪڏهن بہ سنگل روڊ تي ٽول ٽئڪس نہ لڳايو ويندو آهي ٻيو تہ نيشنل هاءِ وي جي مد ۾ اهو ٽئڪس اوڳاڙيو وڃي ٿو، جڏهن تہ اهو نيشنل هاءِ وي وارن جو روڊ ئي ناهي. ٽيون تہ جيڪڏهن اهو ٽئڪس سنڌو درياهہ جي مٿان اڏيل پل جو آهي تہ پوءِ اهو ان پل جي پرسان قائم ٿيڻ گهرجي. هيءَ ٽول ٽئڪس تقريبن پل کان 25 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. چوٿون تہ جڏهن بہ ان ٽول ٽئڪس جي باري ۾ اتان جي انتظاميا کان پڇا ڪئي وڃي ٿي تہ انتظاميا اهو ٻڌائي ٿي تہ اهو

سرڪار جو آهي ۽ ان جا پئسا به سرڪار ڏانهن وڃن ٿا. بهرحال لاڙڪاڻو _ خيرپور پل تي قائم ٽيل ٽول ٽئڪس عوام کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪري انتظاميا ۽ عوام جا جهيڙا روز جو معمول بڻيل آهن تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهو ٽول ٽئڪس ختم ڪرائي، عوام ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

روزاني ڪاوش 18 اپريل 2016 ع



## گورک هِل اسٽيشن کي ترقي وٺرايو

سنڌ جي ڪوهه مري سڏيو ويندو گورک هل اسٽيشن دادو شهر جي 94 ڪلوميٽر اُتر اولهه طرف واقع آهي. گورک هل تقريبن 1734 ميٽرن جي بلندي تي آهي، گورک هل 2500 ايڪڙن تي مشتمل آهي. گورک هل گهمڻ لاءِ تمام سٺي لوڪيشن آهي. گورک هل جو سياري جي موسم ۾ گرمي پد C.0 هوندو آهي جڏهن ته اونهاري جي موسم ۾ به گرمي پد C.20 کان گهٽ هوندو آهي يعني اي سي جهڙي ٿڌ گرمين ۾ به هوندي آهي پر بدقسمتيءَ سان حڪومت جي دلچسپي نه هجڻ جي ڪري گورک ترقي نه وٺي سگهيو آهي. گورک جون چاڙهيون اهڙيون ته خطرناڪ آهن پر ان جي باوجود به واهي پانڌي کان وٺي گورک هل جي روڊ جي ڪنديشن خراب آهي، جنهن ڪري ڪافي ماڻهو اوڏانهن وڃن ئي نه ٿا. بجليءَ جو نظام به صحيح نه آهي، 24 ڪلاڪن ۾ صرف 4 ڪلاڪ بجلي هلي ٿي اها به ڏينهن جي وقت تي. گورک هل جي آخري پوائنٽ تي صرف ويهڻ لاءِ 2 بينچون رکيل آهن. بهرحال گورک هل سنڌ واسين لاءِ ڪوهه مري کان گهٽ نه آهي، تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ حڪومت خاص دلچسپي وٺي ته جيئن گورک هل ترقي ڪري سگهي!

روزاني ڪاوش 06 مئي 2016 ع

## استادن جي مُقرريءَ ۾ به خانہ پُوري!

تعليم کاتي تي مختلف وقتن تي ڪيترائي سوال اُڀرندا رهندا آهن. استادن جو اسڪولن ۾ نہ اچڻ، اسڪولن جو بند هجڻ، نصاب ۾ غلطيون هجڻ، ڪاپي ڪلچر جو عام هجڻ جهڙا مسئلا عام ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. اتي تعليم کاتي پاران ڪاليجن ۾ مقرر ڪيل ليڪچررن ۽ پروفيسرن جي مقرري تي پڻ سوال اُٿي رهيا آهن. 18 اپريل 2016ع جي ڪاوش جي آخري صفحي تي سکر جي ڪاليجي استادن جي مقرري بابت رپورٽ ڇپي آهي، جنهن ۾ اهو لکيل آهي تہ سکر جي ڪاليج ۾ ڪامرس سبجيڪٽ پڙهائڻ لاءِ 23 استاد مقرر ٿيل آهن ۽ انگريزي پڙهائڻ لاءِ 19 ليڪچرار مقرر ٿيل آهن. انهيءَ ساڳي رپورٽ ۾ ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز سکر جو پڻ بيان ڇپيو آهي تہ ڪاليجن ۾ هڪ سبجيڪٽ لاءِ وڌ ۾ وڌ 5 ليڪچرار مقرر ڪرڻ لاءِ پيپر ورڪ جاري آهي، جڏهن تہ ان جي ابتڙ استادن جي مقرري ڪئي وڃي ٿي. اها حالت صرف سکر جي ڪاليجن ۾ نہ آهي، پر خيرپور جي ڪاليجن ۾ پڻ اهو ساڳيو مسئلو آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ڪاليج ۾ استادن جي مقرري صرف خانہ پوري جي بنياد تي نہ ڪئي وڃي، بلڪ شاگردن جي حساب سان ڪئي وڃي.

روزاني ڪاوش 12 مئي 2016ع



## ون - ويلنگ ڪندڙ ”ڪرتب - باز“ ڪڏهن سُڌرندا؟!

زندگي ڏاڍي مختصر آهي، آهستي هلو ڪتي جلدي ختم نہ ٿي وڃو. جهڙا سنا سنا لفظ عام طرح سان اسان ريڊيو ۽ ٽي وي تان روز ٻڌندا رهندا آهيون. سياڻا ماڻهو بہ اسان کي پنهنجي ڏاهپ جو ڏس ڏئي ويا، پر انهن سياڻن جي چوڻين باوجود اڄڪلهہ جا ڇوڪرا يعني جواني جي طرف پير پائڻ وارا نوجوان جهڙي طريقي سان موٽر سائيڪل کي غلط طريقي سان هلائين ٿا، اها هڪ تمام خطرناڪ ڳالهہ آهي. هڪ ويل تي شهر جي وچ ۾ جهڙي نموني سان اڄ جا ڇوڪرا ون _ ويلنگ ڪن ٿا، سچي ڳالهہ اها آهي تہ اها موٽر سائيڪل اهي اهڙي تہ غلط طريقي سان هلائين ٿا، جو ٻين کي بہ ڏڪائي ڇڏين ٿا. انهيءَ ويلنگ جي ذريعي ڪافي نوجوانن جون زندگيون هليون وڃن ٿيون ۽ ٻيو اهو تہ ڪجھ ڇوڪرا وري موٽر سائيڪل مان سائلينسر ڪڍي ان کي هلائين ٿا، جنهن جي ڪري ان جو آواز وڏو ۽ بي سرو ٿي ٿو وڃي، جنهن ڪري اتان جا رهواسي تمام گهڻو متاثر ٿين ٿا. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سرڪار هڪ تہ 18 سالن کان گهٽ عمر وارن کي موٽر سائيڪل هلائڻ جي اجازت نہ ڏئي ۽ ٻيو تہ بنا سائلينسر جي موٽر سائيڪل هلائڻ تي پابندي لڳائي وڃي ۽ ون ويلنگ تي بہ پابندي لڳائي وڃي تہ جيئن وڌيڪ زندگيون ضايع ٿيڻ کان بچي سگهن.

روزاني ڪاوش 17 مئي 2016ع

# برساتن کان اڳ ڊرينيج جو نظام ٺيڪ ڪرڻ جي ضرورت!

چوماسي جي برسات هر سال ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن وڌيڪ پوندي رهندي آهي. هن سال به چوماسي جي برسات جي آمد آهي. روزانو موسميات کاتو برسات پوڻ جي اڳڪٿي ڪندو رهي ٿو. اڳڪٿي مطابق هن سال تمام گهڻي برسات پئجي سگهي ٿي، پر افسوس جو هن مهل تائين ڊرينيج جي نظام تي ڪو به ڌيان نه ڏنو ويو آهي. شهرن جي صورتحال اها آهي ته هن مهل به اڃا تائين خيرپور ضلعي ۾ برسات نه پئي آهي، ان جي باوجود به صرف خيرپور شهر جي محلن جي ڳالهه ڪجي ته ناليون اُتليل نظر اچي رهيون آهن. اهي پاهر گٽرن ۽ گهٽين ۾ وهي رهيون آهن. هاڻي جيڪڏهن برسات کان پهريان شهرن جي اها صورتحال آهي ته پوءِ ٻهراڙيءَ جو ته الائي ڇا حشر هوندو. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مڪاني کاتو سڀ کان پهريان نالين جون کاٽيون ڪرائي ڪتان به ڪو پاڻي ڪراس ڪرڻ ۾ مسئلو هجي، ان کي ٺيڪ ڪري ته جيئن عوام ڪنهن مصيبت ۾ پوڻ کان بچي سگهي.

روزاني ڪاوش 19 جولاءِ 2016ع



books.sindhsalamat.com

# ٽئلينٽ ڪيئن نروار ٿي سگهندو؟

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته محنت ۾ ئي عظمت آهي، ڇاڪاڻ ته هتي ٽئلنٽ جي ڪا به کوٽ ناهي، پر افسوس ته هن جديد دور ۾ سنڌ جا ڪافي شهر ۽ ڳوٺ بنيادي سهولتن ۽ تعليم کان محروم آهن. اهڙي ريت غربت به سنڌ واسين جي گهرن ۾ ديرا ڄمائي ڇڏيا آهن. جنهن ڪري ماڻهو پنهنجي ٻارن کي تعليم به ڏياري نه ٿا سگهن. ان ڪري لڪيل ٽئلنٽ نروار نه ٿو ٿئي. سنڌ ۾ ڪافي سارا اهڙا مثال پيا آهن. جيڪڏهن انهن جي ڳالهه ڪجي ته تازوئي هڪ ٻڪريون چاريندڙ سنڌ جو نوجوان سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري تمام سٺي پوسٽ تي فائز ٿيو آهي. لاڙڪاڻي ۾ هڪ ڇانهه ڪپائيندڙ جي ڌيءَ سول جج ٿي آهي. خيرپور جي هڪ انٽرميڊيئيٽ جو شاگرد قومي هاڪي ٽيم جو حصو ٿيو آهي، ان قسم جا ٻيا به ڪيترائي مثال آهن. غريب جو ٻار غربت ۽ بنيادي سهولتن جي اڻهوند هوندي به پنهنجي ٽئلنٽ کي نروار ڪري ٿو. گهوٽڪي ضلعي جي تعلقي اوٻاوڙي جي ڳوٺ خدا بخش ڀوهڙ جو نوجوان محمد يونس ڀوهڙ جنهن پنهنجي پرائمري تعليم سونو چاچڙ اسڪول مان ورتي، جيڪو اٽڪل 20 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هو. ان کانپوءِ جڏهن هن مئٽرڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمون شهيد هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي، جتي هن پنهنجي ڪتابن وغيره جا



www.sindhsalamat.com

پئسا نہ هوندي بہ ڪمون شهيد هاءِ اسڪول جو ذهين ۽ هوشيار شاگرد طور پاڻ کي ثابت ڪيو. جنهن ڪري اتان جا استاد هن جي ذهانت کي ڏسي، سندس مالي مدد بہ ڪرڻ لڳا. جنهن ڪري هن اتان مئٽرڪ اي وَن گريڊ ۾ پاس ڪئي. ان ڪانپوءِ هن مهراڻ ماڊل سائنس ڪاليج پنوعاقل ۾ پنهنجي هڪ دوست جي مالي مدد تحت داخلا ورتي. جتان هن انٽرميڊيئيٽ جو امتحان اي گريڊ ۾ پاس ڪيو. جنهن بعد هي نوجوان ڪراچي ڪمائڻ ويو. جتي هن بس جي ڪنڊيڪٽري ڪري ڪجهہ رپيا ان مان ڪمائي ڪري، وري بي ايس سي ۾ داخلا ورتي. جتي هن نوجوان ڪاپي ڪلچر هوندي بہ هڪ لفظ بہ ڪاپي ڪري نہ لکيو. پنهنجي محنت سان هن بي ايس سي جو امتحان بہ پاس ڪيو. جنهن بعد هن وري ڪجهہ پئسا گڏ ڪرڻ لاءِ بيڪري تي بسڪيٽ ڪپائي ڪري پنهنجي ايم اي جي ڊگري بہ حاصل ڪري ورتي ۽ اڄ هي نوجوان پنهنجي پيرن تي بيهي، لاهور ۾ سي ايس ايس جي تياري ڪري رهيو آهي. جتي هن هڪ امتحان بہ ڏنو آهي، جنهن جو باقي رزلٽ اچڻو آهي. اسان جي واڳ ڌڻين کي اها گذارش آهي تہ پرڳڻي جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ بنيادي سهولتون ڏين ۽ اهڙن نوجوانن جي همت افزائي ڪئي وڃي تہ جيئن هو پنهنجو لڪيل ٽئلنٽ نروار ڪري سگهن.

روزاني ڪاوش 26 سيپٽمبر 2016ع


books.sindhsalamat.com

# ڏيو مُنهن هاڻي وري رضاڪار استاد ڀرتي ٿيندا!

سنڌ جي وڏي وزير پاران نوڪرين تي لاڳو ڪيل پابندي هٽائڻ جو اعلان ڪرڻ کان پوءِ جن کاتن ۾ جايون خالي آهن انهن ۾ خالي جاين ڀرڻ لاءِ اشتهار ڏيڻ جون هدايتون ڪيون ويون آهن. تقريبن ڪل پنجاهہ هزار خالي جايون ڄاڻايون ويون آهن. جن مان 29 هزار جايون استادن جون آهن. چيو پيو وڃي تہ 26 هزار نوان استاد ڀرتي ڪيا ويندا. باقي 3 هزار استادن کي ترقي ڏئي خالي جايون ڀريون وينديون. اهڙيون خبرون اچڻ بعد بيروزگار نوجوانن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي ۽ انهن کي روزگار ملڻ جي اميد جاڳي پئي پر، ڪجهہ ڏينهن اڳ تعليم کاتي واري سيڪريٽري هڪ خانگي ٽي وي تي صبح واري پروگرام ۾ ڳالهائيندي چيو پئي تہ هاڻي استاد رضاڪار طور ڀرتي ڪيا ويندا يعني جنهن اسڪول ۾ استادن جي کوٽ هوندي، ان علائقي جي پڙهيل لکيل بيروزگار ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کان امتحان وٺي، انهن مان جيڪو ڪامياب ٿيندو، ان کي رضاڪار استاد طور رکنداسين. اهڙي بيان اچڻ کان پوءِ بيروزگارن ۾ بي چيني پيدا ٿي آهي تہ رضاڪار استاد طور ڀرتي ٿيڻ سان ڪين سرڪاري نوڪري واريون سهولتون ۽ ٻيون مراعتون بہ ملنديون يا صرف ٻار پڙهائڻ وارو ”ثواب“ حاصل ٿيندو؟ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ يونين ڪائونسل جي بنياد تي استادن جون خالي پيل جايون ميرٽ تي ڀريون وڃن ۽ ٽيسٽ بہ يوسي سطح تي ورتي وڃي.

روزاني ڪاوش 06 ڊسمبر 2016ع


www.sindhsalamat.com

# اين جي او جي حوالي ٿيل
# اسڪولن جي حالتِ زار

خيرپور جو تاريخي ناز هاءِ اسڪول اهو تاريخي اسڪول آهي، جنهن مان تمام وڏين نالي وارين شخصيتن تعليم جو فيض حاصل ڪري ملڪ جو نالو روشن ڪيو، پر بدقسمتيءَ سان ان هلندڙ اسڪول کي هڪ اين جي او جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن ڪانپوءِ ڪجهه ناڪارا اثر ظاهر ٿيا آهن. هڪ ته چنچر جو ڏينهن به اهو اسڪول بند ڪيو ويو آهي، ٻيو ته صرف ڇوڪرن جو اهو اسڪول هاڻي ڇوڪرين لاءِ به ڪيو ويو آهي، ٽيون ته ان اسڪول جي لائبريري ۾ تاريخي ڪتاب پيا هوندا هئا، جن سان به هٿ چراند ڪري الائي ڪاڏي اڇلايا ويا آهن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته تعليم جي بهتريءَ لاءِ اين جي او جي حوالي ڪيل اسڪول ۾ چنچر جي ڏينهن موڪل هجڻ ڇا اسڪول جي تعليم جي يا ٻارن جي بهتري آهي؟

روزاني ڪاوش 22 جنوري 2017ع



# سياسي موسم جي حساب سان پارٽيون بدلائيندڙن ڏانهن!

2018ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ باقي ٿورو وقت وڃي بچيو آهي. جيئن جيئن اليڪشن جا ڏينهن ويجهو ايندا پيا وڃن. تيئن سنڌ ۾ سياسي موسم جي حساب سان پارٽيون بدلائيندڙ همراهن به هڪ ڍنڍ کان ٻي ڍنڍ ڏانهن اڏامڻ جو سفر شروع ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ اها هر فرد جي مرضي آهي ته اهو جنهن پارٽي ۾ بهتر سمجهي ان ۾ وڃي سياست ڪري، ان تي ڪنهن کي اعتراض نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي هن وقت ڪنهن پارٽي جي ٽڪيٽ تي ايم پي اي يا ايم اين اي آهن، گهٽ ۾ گهٽ انهن کي ته هڪ سال صبر ڪرڻ گهرجي ۽ پارٽي بدلائڻ نه گهرجي. اهڙن سياستدانن جي ڪري باقي رهيل پنجن ڇهن مهينن لاءِ ننڍي چونڊ ٿيندي، ان تي ڪيترو سرڪاري خرچ ايندو ۽ عوام کي پنهنجون توانايون ۽ وقت خرچ ڪرڻو پوندو گهٽ ۾ گهٽ ان جو ته موسمن جي حساب سان پارٽيون بدلائيندڙ "همراهه" احساس ڪن. تازو فنڪشنل ليگ جو ايم پي اي جام مدد علي فنڪشنل ليگ کي الوداع چئي پ پ ۾ شامل ٿيو آهي جنهن جي ڪري هن جي تڪ تي ٻيهر اليڪشن ٿيڻي آهي. ٻين پر ساهي ويٺل همراهن کي به گذارش آهي ته هي سال "جيئن آهن، جتي آهن" جي بنياد تي پورو ڪن 2018ع جي چونڊن کان ٿورو اڳ ڀلي پنهنجي رضا تي ڪنهن ٻي پارٽي ۾ وڃي شامل ٿين.

روزاني ڪاوش 12 مارچ 2017ع

## وقت ڏنو ووٽ به اوترا ملندس!

وزيراعظم ميان محمد نواز شريف کي سنڌ تڏهن ياد ايندي آهي، جڏهن چونڊون ويجهيون هونديون آهن. هاڻي به جڏهن 2018ع ۾ ٿيندڙ عام چونڊون مٿان اچي پهتيون آهن ته ميان صاحب کي ياد آيو آهي ته ملڪ ۾ ڪو سنڌ صوبو به آهي. نواز ليگ جي اها تاريخي روش رهي آهي ته اها جڏهن به اقتدار ۾ ايندي آهي ته پاڪستان صرف پنجاب ۽ خاص طور لاهور کي ئي سمجهندي آهي. نواز شريف جي اهڙي سياست جي ڪري نواز ليگ جا ڪافي ماڻهو ماڳهين سياست کان ئي پري ٿي ويا. غوث علي شاهه ان جو زنده مثال آهي. غوث علي شاهه جون نواز ليگ ۽ نواز شريف لاءِ ڏنل قربانيون ڪنهن کان لڪل ناهن پر، نواز شريف هن سان وفا نه ڪري سگهيو. گذريل چئن سالن ۾ وزيراعظم سنڌ کي جيترو وقت ڏنو آهي هاڻي سنڌ به ان کي ايترو ئي عام چونڊن ۾ ووٽ ڏيندي. نواز شريف شيرازي پائرن جي دعوت تي ٺٽي پهتو هو، جتي هن هڪ وڏي سياسي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي وڏا اعلان ڪيا پر ايتري دير ڪانپوءِ ڪيل وڏن اعلانن جي اهميت هاڻي ننڍي ٿي وئي آهي.

روزاني ڪاوش 25 مارچ 2017ع



## شاديءَ کان نفرت ڪندڙن کي ڪرپشن کان ڪيئن روڪجي؟

30 مارچ 2017ع جي ڪاوش ۾ ڊائريڪٽر جنرل نيب محترمه عاليه رشيد جو بيان ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي ته عورتون شادي جي پهرين رات مڙسن کان ڪرپشن نه ڪرڻ جو واعدو وٺن. هن ملڪ ۾ ڪرپشن کي روڪڻ لاءِ هيستائين رڳو نوان نعرا ۽ طريقا ئي متعارف ڪرايا ويا آهن. جيڪڏهن رڳو واعدن ۽ نعرن تي ئي ڪم هلائڻو آهي ته، پوءِ نيب ۽ اينٽي ڪرپشن جهڙا احتسابي ادارا ڪهڙي ڪم جا آهن؟ پوءِ نيب ۽ اينٽي ڪرپشن جهڙن ادارن ۾ ويٺل ڪامورا ۽ ملازم ڪروڙين روپيا سرڪاري پگهار سان گڏ ٻيون سرڪاري مراعتون ڇا جون پيا کڻن؟ جيستائين شاديءَ جي پهرين رات واعدي وٺڻ جي ڳالهه آهي، ته جن مردن کي شادي کان پوءِ نوڪري ملي آهي، انهن جي زالن لاءِ ڊي جي نيب جو ڪهڙو حڪم آهي؟ ۽ ٻيو ته جن عورتن ۽ مردن کي شادي کان نفرت آهي، انهن کي ڪرپشن کان روڪڻ لاءِ ڪنهن کان واعدو وٺرائجي؟

روزاني ڪاوش 03 اپريل 2017ع

# وڏي وزير ڪاپي روڪرائڻ لاءِ ڪنيل قدمن ۾ ڏاڍي دير ڪئي!

جڏهن ميٽرڪ جا امتحان پورا ٿي ويا ۽ انٽرميڊئيٽ جا تقريبن پورا ٿيڻ وارا آهن ته امتحانن ۾ ڪاپي روڪرائڻ جو نه صرف وڏي وزير کي خيال آيو آهي پر هن ان لاءِ عملي قدم کڻندي پهريان ٻه ڏينهن اڳ هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي ۽ پوءِ ڪالهه پاڻ هلي وڃي ڪجهه امتحاني مرڪزن جا دورا به ڪيا. ڄاڻايل گڏجاڻي ۾ ٿيل فيصلن مطابق ڪاپي روڪرائڻ جي ذميواري سي ٽي ڊي پوليس کي ڏني وئي آهي. هاڻي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا امتحانن دوران تعليمي ادارن ۾ ڪڏهن پوليس، ڪڏهن فوج ته ڪڏهن رينجرز ته ڪڏهن وري سي ٽي ڊي مقرر ڪرڻ مناسب آهي؟ ڪاپي روڪڻ لاءِ هن کان پهريان به امتحاني مرڪزن ۽ ويندي امتحاني بلاڪن ۾ فورس کي بيهارڻ جا تجربا ماضيءَ ۾ به ٿي چڪا آهن ان سان به چار ڏينهن ته ڪاپي روڪي سگهجي ٿي هلو ڪٽي مڃي وٺون هڪڙو پورو سال ڪاپي روڪي سگهجي ٿي پر اهو زور وارو طريقو ڪيستائين هلندو؟ بهتر اهو آهي ته نصاب کي سڌاريون، استادن کي تربيت ڏيون ۽ ڪو اهڙو انتظام ڪريون جو جيئن يونيورسٽين ۾ ڪاپي جو تصور ناهي بلڪل ائين ئي سنڌ ۾ ڇهين ڪان وٺي انٽر تائين امتحانن ۾ ڪاپي ڪرڻ جو تصور به نه رهي.

روزاني ڪاوش 10 مئي 2017ع


books.sindhsalamat.com

# ڊي آءِ جي آفيس سڪر ۾ ٺپو به ناهي!

تازو 18 مئي تي هڪ دوست جي ڪم سان ڊي آءِ جي آفيس سکر درخواست جمع ڪرائڻ لاءِ وڃڻ ٿيو، جتي درخواست جمع ڪرائڻ جو ڏس مليو ان ڪمري تائين پهتاسين ته اتي ويٺل همراهه چيو ته مٿي اسٽيبلشمينٽ روم آهي اتي وڃي درخواست جمع ڪرايو. جڏهن اتي پهتاسين ته اتي تقريبن اسٽاف جا ڏهه ماڻهو ويٺل هئا پر انهن مان ڪنهن به اسان کان درخواست نه ٿي ورتي. ڪوچئي ڪنهن کي ڏيو، ڪو پيو پاڻ تان بار لاهي ٻئي ڏانهن موڪلي. ائين پئي لڳو ڄڻ پهريان ماڻهو اسان آهيون، جيڪي ڊي آءِ جي آفيس درخواست جمع ڪرائڻ آيا آهيون. آخرڪار هڪڙي ملازم اسان کان مهرباني ڪري درخواست ورتي، جنهن تي اسان ڪيس درخواست جي ڪاپي تي ٺپو هڻي ڏيڻ يا صحي ڪرڻ لاءِ چيو ته هن وري درخواست موٽائي ڏني ۽ چيو ته رسيونگ نه ڏيندس. گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ انهيءَ ملازم اسان کان درخواست وصول ڪري پنهنجي صحي ڪري ڏني، جنهن تي اسان ٺپو هڻي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو. ان تي آفيس ۾ موجود سڄو عملو ٽپي باهه تي ويو ۽ چيائون ته اسان وٽ ٺپو آهي ئي ڪونه. حيرت به ٿي ۽ ڏک به ٿيو ته هيڏي وڏي ڊي آءِ جي آفيس ۾ هڪڙو ٺپو به ناهي.

روزاني ڪاوش 23 مئي 2017ع


www.sindhsalamat.com

# هڪ ويو ٻيو آيو!

اسان جي ملڪ ۾ اهو وڏو الميو رهيو آهي ته اقتدار ۾ رهندڙ سيني پارٽين وٽ موروثي سياست پهرين ترجيح رهي آهي جڏهن ته ڪنهن وڏي عهدي جي لاءِ ان پارٽي کي موقعو مليو آهي ته سڀ کان پهرين ان پارٽي جي سربراهه کي اهو عهدو مليو آهي پر جيڪڏهن ان پارٽي جي سربراهه تي ڪا پابندي آهي يا هو نا اهل آهي ته پوءِ ان جي پٽ، ڌيءَ، ڀاءُ، ڀائٽي يا ڀاڻيجي کي اهو عهدو سونپيو ويندو آهي. هاڻي ته جڏهن پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سربراهه نواز شريف کي سپريم ڪورٽ نا اهل قرار ڏنو آهي جنهن ڪري نواز شريف هن وقت وزيراعظم توڙي قومي اسيمبلي جو ميمبر نه رهيو آهي ته نواز ليگ ميان شهباز شريف کي پاڪستان جو وزيراعظم نامزد ڪيو آهي جيڪو نا اهل ٿيل



اڳوڻي وزيراعظم ميان محمد نواز شريف جو ڀاءُ آهي. چوڻ جو مطلب ته ڇا نواز ليگ وٽ ٻيو ڪو به ڪارڪن يا اڳواڻ اهل ڪو نه هيو ڇا جنهن کي وزيراعظم بڻائين ها؟ يا وري ميان شهباز شريف جون قربانيون پارٽي يا ملڪ لاءِ ٻين اڳواڻن کان وڌيڪ آهن يا وري اهو تسلسل آهي جنهن جو مان مٿي ذڪر ڪري آيس ته پيءُ نه ته پٽ، ڌيءَ نه ته ڀاءُ يا وري ڪو ٻيو رشتيدار! ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سڀ کان پهريان ان ڪارڪن يا اڳواڻ کي وزيراعظم بڻايو وڃي جيڪو پارٽي سان سچو رهيو هجي. پارٽي جي هر ڏکئي وقت ۾ ڪم آيو هجي، ڏکئي وقت ۾ ساٿ نڀايو هجي، پارٽي لاءِ قربانيون ڏنيون هجن، سختيون سٺيون هجن. باقي هي موروثي سياست ڪارڪنن جي دل آزاري آهي ۽ انهن سان ويڳي ماءُ وارو سلوڪ آهي.

روزاني سنڌ ايڪسپريس 31 جولاءِ 2017ع

# درگاهه سچل سرمست ۾ سهولتن جي کوٽ

امن، محبت، پيار، ايڪي ۽ ٻڌي جو سبق ڏيندڙ صوفي بزرگن جون درگاهون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ قائم آهن. درگاهه سچل سرمست جو شمار سنڌ جي ٽن وڏين درگاهن ۾ ٿئي ٿو. خيرپور ضلعي جي درازا شهر ۾ قائم درگاهه سچل سرمست جي مزار تي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان زائرين زيارت ڪرڻ اچن ٿا. خاص ڪري عيد جي موقعي تي اتر سنڌ جي مڙني ضلعن کان هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو اچن ٿا پر افسوس حڪومت جي بي ڌياني جي ڪري ٻيون سهولتون ته پري جي ڳالهه آهي پر زائرين کي پيئڻ جي پاڻي جي لاءِ ٿڌو پاڻي به نه پيو ملي. سيڪيورٽي خدشن جي باوجود درگاهه تي سيڪيورٽي نه هجڻ جي برابر آهي، ٻه واڪ ٿرو گيٽ لڳل آهن جن مان هڪ به ڪم نه پيئي ڪري. ڪو تلاشي جو سسٽم ڪونهي جيڪو اچي جيئن اچي جتان اچي ڪا منع نه آهي تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اوقاف کاتو درگاهه تي بنيادي سهولتون فراهم ڪري ۽ سنڌ پوليس خاص ڪري مان آءِ جي سنڌ کي گذارش ڪريان ٿو ته درگاهن جي سيڪيورٽي کي پاڻ مانيٽر ڪري، اتي لڳل واڪ ٿرو گيٽ کي ٺيڪ ڪري هڪ هڪ ماڻهوءَ جي تلاشي وٺي پوءِ ان کي اندر ڇڏيو وڃي ته جيئن امن دشمن قوتن کي منهن توڙ جواب ڏئي سگهجي ۽ زائرين به سڪون سان زيارت ڪري سگهن.

روزاني سنڌ ايڪسپريس 12 سيپٽمبر 2017ع



# بصر ڪائڻ جو حق ته نه کسيو!

سنڌيءَ جي اها چوڻي تمام گهڻي مشهور آهي ته جڏهن غريب ماروئڙن وٽ ڪائڻ لاءِ ڪجهه به ناهي هوندو ته بصر ئي انهن جي پيٽ جي باهه اُجهائيندو آهي چاڪاڻ ته بصر اها سبزي آهي جيڪا هر گهر ۾ موجود هوندي آهي جنهن لاءِ اهو چيو ويندو آهي ته "بک کان بصر به ڀلا"، پر اڄڪلهه بصر زمين جون حدون اورانگهي آسمان تي چڙهي ويو آهي جيڪو غريب ۽ ٻي پهچ ماڻهن کان تمام گهڻو پري آهي. هن خطي ۾ بصر جو اڳهه تمام گهٽ رهيو آهي تنهن ڪري ئي غريب جي گهر ۾ به بصر موجود هوندو هو پر اڄ جڏهن موجوده سرڪار جي بي ڌياني جي ڪري جتي غريب کان گوشت ۽ مڇي ڪائڻ جو حق کسيو ويو آهي اتي انهن کان بصر ڪائڻ جو حق به کسيو ٿو وڃي. اڄ جڏهن بصر 20 روپيا ڪلو وارو 100 رپين ۾ ڪلو وڪامجي پيو ته غريب ويچارو بصر جي ڪل لاءِ به پريشان آهي پر افسوس جو واڳ ڌڻين جي ڪنن تي جُونءِ به نه ٿي چري تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اڪ بند ڪري وينل موجوده سرڪار، اڳهه مقرر ڪري ڏيڻ وارو کاتو، اڳهن تي ڪنٽرول ڪرڻ وارو کاتو ۽ ٻيا ماتحت ادارا انهيءَ مسئلي کي اوليت جي بنياد تي حل ڪرائين ته جيئن غريب جي حصي ۾ آيل بصر انهن جي پهچ ۾ هجي.

روزاني سنڌ ايڪسپريس 25 سيپٽمبر 2017ع

## ڪارساز سانحي جو ڏک ۽ پ پ جو بدلجندڙ تعارف!

جمهوريت جي بحالي لاءِ ووٽ جي پرچي جو تقدس بچائڻ لاءِ هن ملڪ ۾ جيترو پ پ آمرن سان وڙهي آهي ايترو ٻي ڪا به سياسي پارٽي ناهي وڙهي. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو شهيد ٿي ويا پر انهن آمرن سان عوام جي حق حڪمراني تي ڪو سودو نه ڪيو. محترمه شهيد بينظير ڀٽو عوام خاطر جلاوطني ختم ڪري اچوڪي تاريخ تي 10 سال اڳ وطن وَرِي ته عوام جي سمنڊ هن جو استقبال ڪيو. ڪراچي ۾ ڪارساز وٽ متس خطرناڪ حملو ڪيو ويو جنهن ۾ بينظير ته محفوظ رهي پر تقريبن ڏيڍ سئو کان وڌيڪ جيالا شهيد ٿي ويا هئا اڄ جڏهن پيپلزپارٽي سڄي ملڪ مان سڪڙجي اچي سنڌ تائين محدود ٿي آهي پوءِ به پ پ وارن جو رويو نه ٿو سڌري. پ پ جي اڳواڻن جو عوام سان رويو ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي. ڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ جي فلور تي مخالف ڌر جي عورت ايم پي ايز خلاف اڻ وڻندڙ ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي ته ڪڏهن وري پنهنجي ئي ووٽرن کي ڌمڪايو ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو وڃي ٿو. پ پ جو نئون تعارف ووٽرن لاءِ عظيم گفتا ڳالهائڻ وارا اڳواڻ آهن جن کي ووٽر ۽ ووٽ جو ڪو قدر ناهي.

روزاني ڪاوش 18 آڪٽوبر 2017ع


books.sindhsalamat.com

## سرڪاري اگهه تي پيٽرول چونه ٿو ملي؟

اوگرا جي ماتحت هر مهيني پيٽرول جا اگهه مقرر ڪيا ويندا آهن جنهن ڪري سڄي پاڪستان ۾ هڪ اگهه تي پيٽرول وڪرو ڪيو ويندو آهي پر بدقسمتيءَ سان سرڪار جي مقرر ڪيل اگهه تي خيرپور ۾ ذرو به عمل ناهي ٿي رهيو. سراسري طور حڪومت پاران طئه ڪيل اگهه کان 3 روپين کان 5 روپين تائين في ليٽر مهانگو وڪامجي پيو. هن وقت سرڪاري اگهه 73 روپيا 50 پئسا آهي جڏهن ته ان جي ڀيٽ ۾ خيرپور ۾ 76 روپيا 90 پئسن ۾ پيٽرول جو في ليٽر وڪرو ڪيو پيو وڃي. جڏهن پيٽرول مالڪن کان پڇا ڪجي ٿي ته اوهان سرڪاري اگهه تي پيٽرول چونه ٿا ڏيو ته چون ٿا ته اسان جو پيٽرول فلاڻي ڪمپنيءَ جو آهي ان ڪري اسان سرڪاري اگهه تي پيٽرول نه ٿا ڏئي سگهون. پيٽرول مالڪن جي انهيءَ جواب کان پوءِ مون پاڪستان اسٽيٽ آئل واري پمپ


www.sindhsalamat.com

تي به وڃي ڏٺو پر اتي به اگهه ساڳيو ئي آهي. خيرپور جي پيٽرول پمپن جي مالڪن جي پٽ وائکي ڪرڻ لاءِ آئون هڪ ڏينهن خيرپور جي پر واري ضلعي سکر جو اگهه جاچڻ ويس جتي پيٽرول 73 روپيا 77 پئسا پيو وڪامجي جيڪو سرڪاري اگهه کان صرف 23 پئسا وڌيڪ آهي.
منهنجي اوگرا اختيارين توڙي حڪومتي ڪارندن کي اها گذارش آهي ته جتي به اگهه وڌيڪ ورتو پيو وڃي انهن پيٽرول پمپ مالڪن کان سخت پڇاڻو ڪري انهن تي ڏنڊ لڳايو وڃي. هن معاملي تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور کي گذارش آهي ته ترت ئي هن مسئلي جي جاچ ڪرائي پيٽرول ۽ ڊيزل جي سرڪاري اگهن تي سختيءَ سان عمل ڪرائي ته جيئن خيرپور واسي وڌيڪ ڦرجڻ کان بچي سگهن.

روزاني سنڌ ايڪسپريس 29 آڪٽوبر 2017ع



## ڀٽائي جي درگاهه تي اوڳاڙ جنڊڙ ڀَتو!

تازو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس جي تقريب دوران ڀٽ شاهه وڃڻ ٿيو. سڀ کان پهريان جڏهن پنهنجي گاڏي پارڪ ڪرڻ ويس ته اتي چوطرف ٽوڪن ڪٽي بيٺل همراهه نظر آيا. جن کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ته سنڌ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميه گاڏين بيهارڻ لاءِ هي سٺو انتظام ڪيو آهي. اڃان اهو خيال منهنجي ذهن ۾ ڦري ئي رهيو هو ته ايتري ۾ هڪ ٽوڪن وارو آيو اچي ٽوڪن ڏنس جنهن تي 350 رپيا پارڪنگ فيس لکيل هئي. ٽوڪن واري کان تفصيل پڇڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ٻڌايو ته سائين اسان مزدور آهيون. اسان ته ٺيڪيدار کي پئسا ڏيندا آهيون. وڏي بحث مباحثي کان پوءِ سئو رپيا ڏئي گاڏي بيهاري اڳتي روانو ٿيس. ڀٽائي جي درگاهه تي به عوام کان مختلف ٽئڪسن جي نالي تي ڀتو اوڳاڙيو پيو وڃي. لاڳاپيل ادارا چاٽايل مسئلي جو نوٽيس وٺي عوام کي ڦرجڻ کان بچائين.

روزاني ڪاوش 21 نومبر 2017ع

# پوليو ڦڙا پيارڻ جو ڪم بيروزگارن کي ڏيو

سنڌ ۾ تعليمي ايمرجنسي باوجود وقت به وقت استادن کان پيون خدمتون ورتيون پيون وڃن، جنهن سان ٻارن جي پڙهائي شديد متاثر ٿئي ٿي. ڪڏهن اليڪشن جي ڊيوٽي، ته ڪڏهن آدمشماري جي ڊيوٽي، هاڻي وري اهو پيو چيو وڃي ته پوليو کان بچاءَ وارا ڦڙا پيارڻ جي ڊيوٽي به استادن کان ورتي ويندي، جيڪا تعليم جي ٻڏندڙ ٻيڙيءَ کي ويتر ڌڪو ڏيڻ جي برابر آهي. جيڪڏهن حڪومت روزگار جا نوان موقعا پيدا نه ٿي ڪري سگهي ته اهي هلڪيون ڦلڪيون ذميواريون انهن لکين بيروزگار نوجوانن کي ڏنيون وڃن، جيڪي روزگار لاءِ دربدر آهن ۽ مايوسي سبب خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿيل آهن. اڪثر ڪري سرڪاري توڙي غير سرڪاري سطح تي اينڊز سرويز جو ڪم به بيروزگار نوجوانن کي ڏنو ويندو آهي، ته پوءِ پوليو کان بچاءَ وارا ڦڙا پيارڻ لاءِ به بيروزگار نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کان مدد وٺي سگهجي ٿي، ان سان انهن کي به مالي فائدو ٿيندو، جڏهن ته استادن جون ڊيوٽيون لڳائڻ سان


books.sindhsalamat.com

ٻارڙن جي تعليم به متاثر نه ٿيندي، باقي تعليمي ايمرجنسي به هوندي ۽ استادن کان اليڪشن، آدمشماري، پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ وغيره جهڙيون ڊيوٽيون به ورتيون وينديون ته پوءِ سنڌ جي تعليم جو حال ڪڏهن به ڪونه سڌرندو. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تعليم کاتو اهو واضح ڪري ته ڪنهن به ڪم لاءِ استادن جي خدمتن جي گهر نه ڪئي وڃي، ته جيئن اسين تعليمي ميدان ۾ گهربل ڪاميابي حاصل ڪري سگهون.

روزاني سنڌ ايڪسپريس 25 نومبر 2017 ع


www.sindhsalamat.com

# استادن تي تشدد بدران ڪين حق ڏيو

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سرڪاري دعويٰ مطابق اين ٽي ايس ذريعي ڀرتي ڪيل استاد نج ميرٽ تي آيا هئا. انهن کي مستقبل جي معمارن کي سٺي تعليم ڏيڻ لاءِ چونڊيو ويو هو، جن کي شروعاتي طور ٽن سالن جي مدي لاءِ تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان آرڊر ڏنا ويا. جيڪڏهن ماضي ۾ ٿيل ڀرتين کي ڏٺو وڃي ته انهن کي به ڪجهه عرصي لاءِ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ڪري، اڳتي هلي مستقل ڪيو ويندو رهيو آهي. هاڻي جڏهن اين ٽي ايس پاس استادن جو ڪانٽريڪٽ ختم ٿي رهيو آهي، تڏهن انهن کي پڪو ڪرڻ کان لنوايو پيو وڃي. اهي گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان مستقلي ءَ لاءِ سرڪار جي درن ڏي واجهائي رهيا آهن ته کين پڪو ڪيو وڃي، جيڪو سندن حق به آهي. پنهنجو حق وٺڻ لاءِ پرامن نموني سان احتجاج ڪرڻ تي موجوده عوامي حڪومت کين تشدد جو نشانو بڻائي اهو احساس ڏياريو ته اصل ۾ جمهوري حڪومت ۽ آمريت ۾ ڪوبه فرق نه آهي. خبر ناهي جمهوريت جي دعويدار ۽ روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جهڙو عظيم منشور رکندڙ پ پ حڪومت پنهنجي ووٽرن سان اهڙو سلوڪ ڇو ڪري رهي آهي جو روزگار ته نه ٿي ڏئي سگهي پر ڏنل گرهه به کسڻ چاهي ٿي. تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي ته اين ٽي ايس، سنڌ يونيورسٽي توڙي سکر آءِ بي اي ذريعي ڀرتي ڪيل استادن کي سڌت ئي پڪو ڪري، ڀيهر امتحان وٺڻ وارو ڊرامو بند ڪيو وڃي، ته جيئن جمهوريت جي دعويٰ صرف دعويٰ ئي نه رهي پر عملي طور به ظاهر ٿئي، ان کان علاوه استادن ۾ جيڪا مسلسل بي چيني پکڙيل آهي، اها به ختم ٿي سگهي.

روزاني سنڌ ايڪسپريس 29 ڊسمبر 2017ع

# عوام کي جاهل سڏڻ بدران پاڻ سڌاريو

هن اليڪشن ثابت ڪيو ته سنڌ ۾ مضبوط متبادل جي هڪ وڏي کوٽ آهي. اهي سياسي اڳواڻ، جيڪي پاڻ کي پ پ جي متبادل طور پيش ڪن پيا، اهي ڏنڊ جي پڪيءَ وانگر رهيا آهن. جن کي سنڌ جا ماڻهو چڱيءَ طرح پرکي چڪا آهن. اهي اقتدار جا پياسا آهن ۽ انهن وٽ عوام لاءِ ڪوبه منشور ڪونهي. اهو ئي سبب آهي جو 2018ع جون عام چونڊون گذريون آهن ته مضبوط متبادل جو دعويدار اهو اتحاد لڳ ڀڳ ختم ٿي چڪو آهي. هاڻي هڪ عجيب ۽ بي معنيٰ پروپئگنڊا ڪئي پئي وڃي، ته سنڌي جاهل آهن. انهن سنڌ جي سپوتن جو قدر نه ڪيو ۽ کين ووٽ نه ڪيا.

ووٽ هر فرد جي ضمير جو فيصلو آهي، جنهن تي ڪنهن کي اعتراض نه هجڻ گهرجي. سنڌي ماڻهن کي جاهل سڏيندڙ سياستدانن کان اسين اها گهر ڪريون ٿا ته پهرين عوام سان ڳانڍاپو ته پيدا ڪريو. جڏهن اوهان اقتدار کان سواءِ عوام جي وچ ۾ هوندا، انهن سان هر ڏک ۽ خوشيءَ ۾ گڏ هوندا ته عوام پاڻ ئي اوهان جو قدر ڪندو. باقي چونڊن کان مهينو پهريان اچي ظاهر ٿيڻ وارو ڪم هاڻي نه هلندو.

سنڌ واسي پنهنجي سپوتن جي پرک ڪرڻ چڱي ريت ڄاڻن ٿا. کين اها به خبر آهي ته ڪير چڱو آهي ۽ ڪير خراب آهي. سنڌ واسين



پنهنجو فيصلو حالتن جي آڌار درست ڏنو آهي باقي جتي بهتر متبادل هو، اتي اسان کي نتيجا به مختلف ڏسڻ ۾ آيا آهن. جيئن ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پيپلزپارٽي ۽ متحده قومي موومينٽ جي متبادل طور سامهون آئي آهي.

هاڻي اهو طئي آهي ته عوامي خدمت جو جذبو رکندڙ جماعت ئي عوام ۾ ڪامياب ويندي ۽ عوام سان مسلسل ڳانڍاپو ئي ان جون همدرديون کٽي سگهي ٿو. تنهن ڪري سنڌي ماڻهن کي جاهل سڏڻ بدران پهريان انهن کي هڪ صاف شفاف ۽ مضبوط متبادل ته فراهم ڪيو وڃي. سنڌ جي ماڻهن وٽ چوائس هوندي ته اهي يقينن ٻن مان ڪنهن بهتر کي چوندي سگهندا. جيڪڏهن انهن وٽ ڪا چوائس ئي موجود نه هوندي ته اهي ڇا ڪري سگهندا...؟!

# باب پيو

# اَڪِ اُلٽي ڏار- سنڌي تنقيد جي اهم وِڪَ

تنقيد ادبي دنيا جو هڪ اهڙو ڏکيو ڪم آهي جنهن کي ادبي دنيا جي ٻين ڪمن کان گهٽ پذيرائي يا مڃتا ملي ٿي، گڏوگڏ تنقيد ڪرڻ ٻين مضمونن کان وڌيڪ مشڪل به آهي. سنڌي ادب ۾ تنقيد ڪندڙ يعني نقاد کي تمام ٻري نظر سان ڏٺو ٿو وڃي، انهيءَ ڪري سنڌي ادب ۾ نقاد گهٽ ٿا ملن، پر انهن سيني مشڪلاتن هوندي به هن وقت سنڌ ۾ بهترين نقاد جي حيثيت ۾ علم دوست ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي چيئرمين علامه حزب الله آءِ سومري جو نالو نمايان آهي، جيڪو گهڻي وقت کان ڪيترين ئي ڏکيائين هوندي مسلسل تنقيد تي ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن جو تازو ڪتاب ”اڪ اُلٽي ڏار“ چيچجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪو آهي. هن ڪتاب جي حوالي سان مان ان ڳالهه تي روشني وجهان ته شايد تنقيد کان نفرت ۽ نا پسند ڪندڙ ادبي دوستن کي هن پاسي ڌي ڌيان ڇڪائي سگهجي ٿو اهو علامه حزب الله آءِ سومرو جو پنهنجو پاڻ تي تنقيد آهي. انهيءَ کان وڌيڪ مان سمجهان ٿو ته ڪو ٻيو دليل ڪونه هوندو، پر ان کان به وڌيڪ بهترائين ٿئي ها ته حزب الله آءِ سومري تي ڪو ٻيو تنقيد ڪري ها پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي نه ڪئي ۽ ان ۾ تنقيد جي گنجائش به هئي ته سائين اها پاڻ ئي ڪري ڇڏي. مخدوم عثمان ۽ شيخ عثمان، هالاڻي واري جنگ جو هجري سال، پير


books.sindhsalamat.com

صاحب پاڳارو ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبرشپ، مير فيض محمد ٽالپر جي حڪومت جي شروعات ۽ ڪرڙيءَ جو ميدان ڪٿي؟ حزب الله آءِ سومري جا اهي عنوان آهن جن ۾ غلطي جي گنجائش جي ڪري سائين انهن کي درست ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته غلطي انسان کان ئي ٿيندي آهي ڇا جي ڪري جو انسان نا مڪمل آهي.

علامه حزب الله آءِ سومرو جي اصل نقاد هجڻ جو هڪ ٻيو دليل اهو به آهي ته هن ڪڏهن به ڪنهن جي شخصيت تي غلط ڪونه لکيو آهي بلڪ انهن جي لکڻين ۾ جيڪڏهن ڪا معلومات غلط لکيل آهي ته انهن کي درست ڪري مڪمل دليلن ۽ مفهومن سان عوام آڏو پيش ڪيو آهي، جنهن جو اظهار ناليواري اديب عاجز غلام رسول ابڙي پڻ ان ئي ڪتاب ۾ ڪيو آهي ته ”هو بجاءِ شخصي تنقيد جي تحقيقي حوالي سان ان جي موضوعن تي لکندو آهي“. تنقيدي ڪم کي جيڪڏهن ناليواري شاعر ۽ اديب پروفيسر انور پرديسي جي ورهايل حصن ۾ ڏسبو ته پوءِ ڪنهن کي ڪاوڙ ڪرڻ جو ڪو حق نه ٿو رهي. انهن حصن کي انور پرديسي انهيءَ ڪتاب ۾ ڪجهه هن ريت بيان ڪيو آهي.

- مهذب ٻوليءَ جو استعمال
- ڳالهه جو ثبوت
- مختصر ۽ جامع ڳالهه
- نوان عنوان
- فن ۽ فڪر تي زور
- تاريخي ۽ ادبي درستگي


www.sindhsalamat.com

هن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته حزب الله آءِ سومرو واقعي انهن مٿي ذڪر ڪيل ڇهن حصن کان ٻاهر ڳالهه ڪونه ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ 25 مضمون شامل آهن.

- پنهنجو پاڻ تي تنقيد
- حسام الدين راشدي جي ڪتاب سنڌي ادب تي تنقيدي نظر
- ڊاڪٽر تنوير عباسي جي هائيڪن تي تنقيد جي چنڊڇاڻ
- سومرا دور سان منسوب ڳُنان جي غير مستند حيثيت
- ناميارو ليکڪ عبدالقادر جوڻيجو ترجمي ڪرڻ ۾ ڪچو نڪتو
- تاجل بيوس جي تنقيد جو جواب هائيڪو تي اجايون پابنديون ڇو؟
- نصير مرزا جا هڪ ئي سال ۾ ڪجهه اعتراف
- نصير مرزا جون تاريخي غلطيون
- علامه آءِ آءِ قاضي تي ايڏي ڪاوڙ ڇو؟
- راشد مورائي جي ڪهاڻي ”پاڻي تي پهرو“ جو جائزو
- ”وساري نه ڇڏجو“ بابت لکيل تحريرن جو جائزو
- ڇا اياز گل بهترين مضمون نگار آهي؟
- اياز گل جي تنوير عباسي بابت ڏنل ناقص ۽ غلط ڄاڻ
- ”ڏک جي نه پڇاڻي آ“ بابت راين جو جائزو
- ڪوٽڏيجي قلعي بابت الطاف اثيم جي مضمونن جو جائزو
- اختر درگاهيءَ جي بيدل جي حوالي کان تحريرن جو جائزو



- اختر درگاهي کان بيڪس بن بيدل بابت غلطي
- پروفيسر سرور سيف جي بيدل فقير بابت لکڻي جو جائزو
- ڇا سنڌي ۾ هر لفظ جو پويون اکر متحرڪ آهي.
- سنڌي ٻولي ۾ ساڪن ۽ متحرڪ وارو بحث
- سنڌي مزاج مطابق وزن بحر
- امداد حسيني جي غلط بياني
- وحيد محسن جي غزل ”ديپ جيڪو ٻري“ جو جائزو
- ڇا شڪارپور جا در ڏکڻ سان وڏندا رهندا
- اهو ظاهر منجهه ظاني آهي!

مٿي ذڪر ڪيل اهي سڀئي مضمون جيڪي حزب الله آءِ سومرو ادب، تاريخ، مذهب ۽ فلسفي بابت مختلف اديبن پاران لکيل مضمونن جي موٽ ۾ لکيا آهن اهي سڀ هن ڪتاب جي زينت آهن جڏهن ته هن ڪتاب ۾ منير سولنگي، انور پرديسي، عاجز غلام رسول ابڙو ۽ فياض عباسي پنهنجا رايا ڏنا آهن جڏهن ته پيش لفظ سائين حزب الله آءِ سومرو پاڻ لکيو آهي ۽ بيڪ ٽائيٽل تي سچل پٽي لکيو آهي. علم دوست ادبي سنگت پاران هي ڪتاب ڇپرايو ويو آهي. وٽندڙ ۽ رنگين ٽائيٽل واري هن ڪتاب ۾ 112 صفحا آهن. ڪتاب جي قيمت 100 رپيا رکي وئي آهي.

سنڌ ايڪسپريس 24 مئي 2017ع

# "الله! ڏاهي مَ ٿيان" ۾ ڏاهپ جون ڳالهيون

تحقيق ۽ تنقيد ٻه الڳ الڳ موضوع آهن. تحقيق ڪرڻ ٻه هڪ ڏکيو ڪم آهي. تحقيق تمام وڏن وڏن مفڪرن ٻه ڪئي آهي جن جي مجتا اڄ تائين انهن کي ملندي رهي آهي ۽ تنقيد وري تمام اٽانگو ڪم آهي چاڪاڻ ته هن معاشري ۾ تنقيد ڪندڙ يا تنقيد لکندڙ کي تمام بري نظر سان ڏٺو ٿو وڃي، جنهن کي ائين ڪٽي ڇڏجي ته سهپ جو مادو اسان وٽ تمام گهٽ آهي، جنهن ڪري تنقيد کي ڪير برداشت نٿو ڪري. اهو ان ڪري نه ٿو ڪري جو اسان کي صرف واهه واهه ڪرڻ جي عادت آهي. تحقيق ۽ تنقيد جي باري ۾ علم دوست ادبي سنگت سنڌ جو مرڪزي چيئرمين ۽ نامور نقاد علامه حزب الله آءِ سومرو لکي ٿو ته "تحقيق اٽانگو ڪم پر تنقيد وري جيءَ جو جوکو، نه شاعر سهن نه وري ليکڪ سهن ڪتابن جي عرق ريزي حد ڪان وڌيڪ ڪا ڳالهه ثابت ڪرڻ يا ڪنهن ڳالهه کي رد ڪرڻ سولو ڪم آهي ڇا؟ دربان خاصخيلي جي انداز تحقيق ۽ پنهنجي انداز تحقيق ۾ گهڻي مماثلت پائيندو آهيان خاص ڪري اختصار، تاريخي، تحقيقي ۽ تنقيدي حوالن ڏيڻ جي حوالي ڪان هو منهنجي گهڻو ويجهو آهي".

اهڙي ماحول ۾ نامياري ليکڪ عبدالرسول دربان خاصخيلي جو تحقيق ۽ تنقيد تي مشتمل ڪتاب "الله! ڏاهي مَ ٿيان" شايع ڪيو



ويو آهي. هن ڪتاب ۾ استاد عبدالرسول دربان خاصخيلي جا اهي مضمون شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي هن مختلف وقتن تي سنڌي ٻولي جي تمام وڏين اخبارن ۾ لکيا آهن. تحقيق لاءِ سنڌس ڪيل ڪم نرالو آهي جنهن لاءِ تمام گهڻي مطالعي جي ضرورت پوي ٿي ۽ انهيءَ ڪان هر پاسي ڪان دليلن سان ثابت ڪرڻو هوندو آهي جيڪو استاد دربان ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل ڪجهه مضمونن جا ٽائيٽل هيٺ ڏجن ٿا،

1. ڪلهوڙن جي تاريخ ۽ موجوده تضاد
2. ٽالپورن جو دور ڪيڏانهن ويو
3. ڏجي جو دور ۽ ڪجهه مبالغه آرايون
4. ڪٿي پلاسي ۽ ڪٿي پاٽي پٽ
5. هنگورجا شهر بابت ڪجهه حقيقتون
6. حضرت لونگ فقير لوڙهي وارو
7. ڪجي عربن ڪان اڳ ٻه سنڌ ۾ موجود هئي
8. سنڌ ۾ ڪٽڪ جي پوکي تاريخ جي آئيني ۾
9. سنڌ ۾ فصل ساڙڻ جي شروعات ڪڏهن ٿي؟
10. ڪجي ڏاريو وڻ يا ديسي
11. سيهواڻي سرڪار اول مڪران آيا يا ملتان؟
12. ڪاهوءَ جي دڙي جي کوٽائي ڪنهن ڪرائي

13. علم اڻ کٽ آهي

14. سنڌي واهه جو منهن اصل ڪٿان هو؟

15. شاهه نصير ڪير هو؟

16. ميڊيا ۾ لفظن جون صورتون نه بگاڙيون وڃن

17. ڇا گار گند به اسان جو ڪلچر آهي؟

تاريخ جي بيان جي غلطي هجي يا نالي جي غلطي هجي يا ڪافي ساريون اهڙي قسم جون ٻيون غلطيون هجن، جتي به استاد عبدالرسول دربان خاصخيلي جي نظر مان گذريون آهن انهن تي پاڻ تحقيق ڪري انهن کي صحيح معنيٰ ۽ مفهوم سان عوام آڏو آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. هي تمام سهڻو ڪتاب اسان جي لاءِ رهنمائي آهي. 64 صفحن تي مشتمل هن خوبصورت ڪتاب جي مواد بابت نامور اديب ۽ شاعر ڪوثر ٻرڙو لکي ٿو ته ”دربان جو هي ڪتاب جنهن جو نالو ”الله! ڏاهي مَ ٿيان“ هڪ گهڻ موضوعاتي ۽ گهڻ رخو ڪتاب آهي جيتوڻيڪ صحافت جي اعتبار سان هي ايڏو وڏو ڪتاب ڪونهي پر معيار جي اعتبار کان يقينن هي هڪ نه رڳو وڏو پر تمام وڏو ڪتاب چئي سگهجي ٿو“.

بهترين ۽ وڻندڙ ڊزائن واري هن ڪتاب جو بيڪ ٽائيٽل نامور اديب صنم سنڌو ڀنڀرو لکيو آهي. علم دوست ادبي سنگت پاران هي ڪتاب شايع ڪرايو ويو آهي جنهن جي قيمت 100 روپيا رکي وئي آهي.



books.sindhsalamat.com

# منظور لاڙڪ جي پهرين وک
# ”ڏاهي مَ ٿيان“
# ۾ سماجي اوڻاين جا چٽا عڪس

سائين منظور لاڙڪ صاحب جون ڪهاڻيون جيڪي مون پوپٽ رسالي ۾ پڙهيون هيون ۽ اڄ انهن يا ٻين ڪهاڻين کي ڪتابي صورت ۾ آڻي ڪري سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي جي موضوع تي لکيل ڪتابن ۾ هڪ ڪتاب جو خوبصورت اضافو ڪيو آهي سائين جي ڪهاڻين تي جيڪڏهن نظر ڦيرائجي ته سڀ اهي سماج جا عڪس آهن جن جو هر ماڻهوءَ سان سڌي يا اڻ سڌي طرح واسطو ضرور آهي سماج جو هڪ پاسو اهو به آهي ته ڪو فرد حساس دل رکندڙ هوندو جنهن لاءِ ٻئي جو درد پنهنجو درد ۽ ٻئي جو سور پنهنجو سور هوندو جڏهن ته ان ئي سماج ۾ ڪجهه اهڙا به پٿر دل فرد آهن جن کي ڇڻ ته ڪنهن جي سور، درد ۽ تڪليف جو احساس ئي نه هجي اهڙي ماحول ۾ جهڙي نموني سان سائين منظور صاحب هر انهيءَ اوڻائيءَ، تڪليف، سور، درد احساس، رشتن توڙي آفيسر شاهيءَ جي ڪڏن ڪرتوتن تان پردو کنيو آهي، جنهن لاءِ هر ماڻهوءَ کي ڪردار ادا ڪرڻ کپندو آهي پر شايد سائين منظور صاحب جي هن ڪتاب جي عنوان جي حساب سان ته جيڪو هن سماج ۾ ڏاهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو ته تڪليف ۽ پريشاني به ان کي ئي ٿيندي باقي مون جهڙو خاموش ماڻهو جنهن کي نه ڪنهن جي درد جي نه



www.sindhsalamat.com

ڪنهن جي تڪليف جي خبر ان مان تہ ڪنهن کي تڪليف ٿي نہ هوندي

سائين جي هن ڪتاب ۾ هڪ اها ڪهاڻي بہ آهي جيڪا هن ڪتاب جو ٽائيٽل پڻ آهي اها ڪهاڻي هڪ جرئت مندانہ آهي ۽ روايتي ڪهاڻين کان هٽي ڪري لکي وئي آهي هن ڪهاڻيءَ تہ ڪجھ وقت لاءِ مون کي بہ ڏڪارو ڪري ڇڏيو پر جي ڏٺو وڃي تہ هي اها ڪهاڻي آهي جنهن جو هر ماڻهو سان واسطو آهي ۽ مان تہ ائين چوندو آهيان تہ جيڪڏهن هن سماج ۾ ماڻهو گهر جي درد، ڏک، سور ۽ خراب روين کان آجو آهي تہ اهو هن دور جو خوشنصيب ماڻهو آهي ۽ ذاتي زندگي ۾ جيڪڏهن اوهان گهر جي پاسي کان تڪليف ۾ آهيو تہ يقين ڄاڻو اوهان ڪٿي بہ سڪون سان رهي نٿا سگهو ۽ منهنجي نظر ۾ تہ جيڪڏهن دنيا ۾ ڪو مسئلو ڏکيو آهي تہ صرف پنهنجن جو خراب رويو ۽ گهر جو مسئلو آهي جنهن لاءِ سائين تمام سهڻي نموني سان لکيو آهي تہ ”الائي ڇو ماڻهو اهو نہ سوچيندا آهن تہ تعويذن کان وڌيڪ خطرناڪ رويا هوندا آهن“.

مونکي سائينءَ جي ان ڪهاڻي بہ روئاري ڇڏيو آهي جنهن ۾ هڪ ڊاڪٽر جيڪي مسيحائي خدمتن کان لاتعلق بڻيل آهن فقط سيمينارن ۽ پروگرامن کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو مليريا ڊي هن سماج ۾ هر ان ڊاڪٽر جي ڪردار کي وائکو ڪيو آهي، جيڪو مريضن جي علاج بجاءِ فائيو اسٽار هوٽلن تي سيمينار ڪرائڻ کي اهميت ڏئي ٿو ۽ هڪڙي پاسي هڪ مريض جنهن مرض ۾ تڙپي رهيو آهي تہ ٻئي پاسي ان مرض بابت فائيو اسٽار هوٽل ۾ ڪامياب سيمينار ڪرائڻ تي ان


books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر کي مبارڪون ملي رهيون آهن ۽ هن سماج جي ڪنهن بہ فرد ۾ همت نہ آهي تہ ان ڊاڪٽر کي ڪير سمجهائي تہ جنهن مرض بابت هتي آگاهي پيو ڏئي ان مرض ۾ ٻاهر هڪ مريض تڙپي مري رهيو آهي ۽ اوهان جي لاپرواهي جي ڪري انساني جان هلي وئي تہ هن سيمينار جو ڪوبہ لاڀ حاصل نہ ٿيندو ۽ نتيجي ۾ مريض تڙپي تڙپي مري وڃي ٿو هي ڪهاڻي هر ان ڊاڪٽرن جي منهن تي چماٽ آهي جيڪي ڊيوٽي جي وقت ڪرسي تي موجود ناهن هوندا

انهيءَ سان گڏ هن ڪتاب جي هڪ هڪ ڪهاڻي هن سماج جو اهو عڪس آهي جنهن ۾ سماجي اڻ برابري، بگڙيل نسل، آفيسرن جون من مانيون، ڪرسي جو ناجائز فائدو، قانون جي حڪمراني جي کوٽ، وڏن ماڻهن جي بگڙيل اولاد جا اڻنگا پرڪار ۽ عياشيون توڙي وڏيرڪو سماج ۽ اين جي اوز جا پول بہ پڌرا ڪيا آهن هنن ڪهاڻين ۾ سندس جو ذاتي مشاهدو ئي هنن ڪهاڻين کي سٺي لکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي نج سنڌي ٻولي، سولن لفظن ۽ سادن جملن سان ٺمٺار هي ڪهاڻيون معاشري کي برائين، اوڻاين، دردن، تڪليفن ۽ سورن کان پاڪ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون

هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌي ٻوليءَ جي تمام سهڻي ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار محترم ابراهيم ڪرل لکيو آهي، جڏهن تہ بيڪ ٽائيٽل تي سنڌي توڙي اردو ادب جي ڏاهي پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ لکيو آهي ان کان علاوه نامور تعليمدان سائين مولا بخش لاڙڪ ۽ سنڌي ٻولي جي تمام سهڻي شاعر ياءُ امر اقبال جا رايا پڻ هن ڪتاب ۾


www.sindhsalamat.com

شامل آهن پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران ڇپايل هن ڪتاب تي پبلشر نوٽ محترم قربان منگي لکيو آهي ۽ وڻندڙ ۽ خوبصورت ٽائيٽل محترم سعيد منگي ڊزائن ڪيو آهي هن ڪتاب کي سهڻي نموني سان ياءُ عرفان پٽو ڪمپوز ڪيو آهي ۽ لي آئوٽ پياري آصف نظاماڻي تمام خوبصورت نموني ٺاهيو آهي هي ڪتاب 112 صفحن تي مشتمل آهي جڏهن ته ڪتاب جي قيمت 200 رپيا رکي وئي آهي.



# ليکڪ جو تعارف

ليکڪ جو نالو: محمد طارق مهيسر

ادبي نالو: طارق مهيسر

پيءُ جو نالو: محمد عثمان مهيسر

پيدائش جي تاريخ: 02 جنوري 1991ع

پيدائش جو هنڌ: ڳوٺ ڪمال ديرو تعلقه گمبٽ ضلع خيرپور

تعليم: بي ايس (باٽني)، بي ڪام، ايم اي (اڪنامڪس)، ايل ايل بي

پيشو: وڪالت

پيشه ورانه ۽ ادبي وابستگي:

موجوده صدر پووا خيرپور

ميمبر هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن سکر

ميمبر ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور

ميمبر علم دوست ادبي سنگت سنڌ

ميمبر سنڌ ايجوڪيشنل فورم خيرپور

موبائل نمبر: 0301-3631582 / 0317-1344458

اِي ميل: tariqsalu@gmail.com

رهائش: مصطفيٰ ۽ مجتبيٰ جو گهر نيو شهباز ڪالوني خيرپور ميرس

تعارف ڏيندڙ: وقار علي قلپوٽو